# محمد رسول الله ﷺ

## لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

اي ڪمپوزنگ: عبدالجبار شيخ

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سڄڻو سلام ..........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **ڀاويهون** ڪتاب **محمد رسول الله صہ** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. حضرت محمد صہ جي شخصيت ۽ سيرت بابت هي ڪتاب **لال چند امر ڏنہ مل جڳتياڻي** جو لکيل آهي..

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميہ سائنس ڪاليج سکر جي اسسٽنٽ پروفيسر محترم **عبدالجبار شيخ** صاحب جا، جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سيني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين ۽ صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ٻه اکر

مون لاءِ ۽ منهنجي اداري جي لاءِ اهو اعزاز آهي جو اداري پاران ”سيرت پاڪ“ تي ڪتاب ڇاپڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي ۽ هيءُ ڪتاب ”محمد رسول الله ﷺ ان سيريز جو پهريون ڪتاب آهي.

هن ڪتاب جو ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جو سڀاجهو ليکڪ آنجهاني لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي آهي.غير مسلم هوندي به هن مطالعو ڪري جنهن پيار ۽ پاٻوهه مان هيءُ ڪتاب لکيو آهي.اهو  هڪ ڀيرو 1911ع ۾ ڇپجڻ ڪانپوءِ وري ڇپجي  نه سگهيو.اداري طرفان ان کي ٻيهر ڇاپيندي سرهائي محسوس پئي ٿئي.

سيرت پاڪ  تي سيريز شروع ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته رسول پاڪ ﷺ جي شخصيت ۽ پيغام کي ڪيتروئي لکيو ويو آهي.هزارين نه پر لکين ڪتاب آهن پر پوءِ به اهو جڻ ڪجهه ناهي.سنڌيءَ ۾ ته اجا به گهٽي ڪوٺ آهي.اسين ان سلسلي ۾ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن کي هڪ ڀيرو ٻيهر شاندار نموني ڇاپڻ جو ارادو رکون ٿا.الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي اها توفيق ڏيندو ۽ رهنمائي ڪندو ته اسين هن نيڪ مقصد کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ۽ پنهنجو حصو ادا ڪري سگهون.

اسان اوهان جي نيڪ مشورن جا منتظر رهنداسين .محترم عبدالقيوم صائب جي مهرباني جو هن هيءُ ڪتاب اسان کي عنايت ڪيو.

حيدرآباد                                        **ناز سنائي**

ڊسمبر 2006

# ٻه اکر

منهنجي دل گهڻن ڏينهن کان هئي تہ هئڙو ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي تيار ڪريان ۽ ان باري ۾ تڏهڻين ،هڪ ٻہ ڪتاب انگريزي نظر مان ڪڍيم پر جس پريا نہ سمجهيم يا تہ نديڙن نينگرن جي سمجهہ کان ٻاهر هوا يا تہ گهٽيئي منجهن وائي ٻادي ڳالهيون لکيل هيون

نيٺ هڪ ڏهاڙي هڪ اردو ڪتاب ٺاهيل پرڪاش ديو برهمو ڌرم پرچارڪ جو ملي ويم.اهو پڙهيم ۽ ڏنم جو اهڙي نموني جو ڪتاب ڪو سنڌيءَ ۾ بہ تيار ڪبو تہ خاصو ٿيندو پوءِ بہ پئي سنپريس آخر گذريل ويڪيشن ۾ ويهي ڪم پورو ڪري ڇڏيم.

حضرت محمد ﷺ بنسبت غير مسلم ماڻهن جي مغز ۾ اهو اٿ ويٺل آهي.تہ هن حضرت دين اسلام تلوار جي وسيلي ڦهلايو.هن احوال جي پڙهندڙن کي پاڻيهي معلوم ٿيندو تہ اها سراسر سندن غلطي آهي .مسلمانن پنهنجي نبيءَ ﷺ جي وفات پڄاڻا ۽خليفن کان بہ گهڻو گهڻو پوءِ اهڙي سرجوشي ڏيکاري تنهن ۾ تہ ڪو شڪ نہ آهي.پر نبيءَ ﷺ جي ڏينهن ۾ تہ اٿلو اٽن ٻري ايندي هئي ۽ جيڪي بہ ان عرصي اندر لڙايون لڙيا سي ساريون بچاءُ ۾ هيون.

حضرت محمد ﷺ جي نڪاحن نسبت بہ شايد ڪن جي دل ۾ گمانُ لٿي ان ڪي هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ گهرجي تہ عربستان ۾ تن ڏينهن رواج هوندو هو تہ ڪا عورت ڪنهن مرد جي سام اچي پوندي هئي ۽ هو هن کي پناهہ ڏيڻ چاهيندو هو تہ هو ڪٽي ساٽس نڪاح وجهندو هو.حضرت محمد ﷺ بہ اهڙين ئي صورتن هيٺ نڪاح وڌا ۽ نہ شهرت جو شڪار ٿي ائين ڪيائين ويچار جي ڳالهہ آهي تہ 50 ۽ 60 ورهين جون پوڙهيون عورتون نڪاح وڌائين انهن سان ٻيو وري پاڻ بہ هو 50 ورهين کان ٻاهر.

اميد اٿم تہ جا مراد من ۾ پائي ڪتاب لکيو اٿم سا پوري ٿينديم.

# منڍ

ڪن ڪي تپرس لڳندو تہ”هيءُ هندو،هن جو مسلمانن جي نبيءَ جو احوال لکيو؟“ ڪن ڪي دل ۾ ايندو تہ”بس ! مڙس ويو جلد شيخ ٿيو“ ڪن ڪي تہ سائين ائين بہ ٻولائيندو تہ ”اجهو خوشامندڙيو !“ مطلب تہ جيترا ماڻهو اوتريون ڳا لهيون ،ماڻهن جا وات بند ٿيڻ جا نہ آهن.ڪوهن جا بند وات ٿي وجن ماڻهن جا وات بند نہ ٿين.

هر سال ڳچ جيترن مسلمان چوڪرن جون ٻانهون مونکي سپرد ٿين ٿيون ڏسان ٿو تہ پنهنجي نبيءَ سڳوري جي نسبت گهڻو ڪري ڪوري جا ڪورا آهن.ٻيون ڳالهيون عجيب غريب روزمرھ پيا ٻڌن،پر نبيءَ سڳوري جي احوال مان نهايت غير واقف آهن.

مون هيءُ ڪتاب لکيو آهي تہ مسلمانن خصوصي ننڍي ٿهيءَ وارن جون اکيون پٽجن،ٿ پنهنجي نبيءَ سڳوري جو احوال پڙهي ڏاها ٿين.

هندو ٿي مون اهو ڪم ڀاڻ تي هموار ڪيو،تنهن ۾ ڪهڙو ڀولو؟آءٌ هندو آهيان ۽ منهنجو هندو ڌرم ئي مونکي سيکاري ٿو تہ هر ڪو پير پيغمبر،نبي ولي ،ساڌ سنت عزت جوڳو آهي.

مسلمان تہ اسانجا ملڪي ڀائر آهن ۽ انهن جي قسمت اسان جي قسمت سان ڳنڍي پيئي آهي،تڏهين تہ ضرور آهي جو اسان هڪ ٻين جي بزرگن جي احوالن مان واقف ٿيون ۽ انهيءَ ريت بہ ڀاڻ ۾ سلوڪ جو رستو وڏايون.

پڙهندڙن کي نيڪ روشن هجي تہ هن ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ مونکي مولوي عبيد الله صاحب پير جي جهنڊي واري ۽ مولوي محمد علي شاھ معلم فارسي سنڌ مدرسہ واري ڪان نهايت گهڻي مدد ملي آهي.جنهن لاءِ آءٌ سندن تهدل سان شڪر گذار آهيان.

ڊسمبر سنہ 1911ع

**لال چند امرڏنہ مل جڳتياڻي**

# رايا

جنهن وقت کان ”قرآن جو بنياد“نالي رسالو ڪرسچن سوسائٽيءَ جي هڪڙي سرگرم ميمبر جي طرفان سنڌ ۾ پڌرو ٿيو ۽ خدا جي هڪڙي سچي اولوالعزم پيغمبر جي بہ نسبت ناواقف طبيعتن ۾ شڪن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ آئي.تنهن وقت کان وني منهنجي خيال ۾ حڪمت الاهي جي ڪشش هيءَ هئي تہ ان ختم الرسل جي صحيح صحيح مختصر سوانح عمري سليس سنڌي ۾ ڪنهن ”غير مسلم“جي طرفان پڌري ٿئي.

مونکي ڏاڍي خوشي ٿي جڏهن ”محمد رسول الله“نالي رسالي جو مسودو منهنجي نظر مان گذريو ۽ اڄ ان جي ڇپيل ڪاپي مون وٽ آهي،۽ يقين اٿم تہ جيڪو صدمو اسان کي هڪڙي عيسائيءَ پهچايو هو ان جي هڪڙي حد تائين تلافي ٿي ويئي.لائق مصنف جو هندو ڌرم جو آهي ۽ پنهنجي ڌرم جو محقق آهي تنهن خاص انصاف پسنديءَ سان سچائي جي مدد ڪرڻ ۾ جيتري قدر محنت ڪئي آهي تنهن بابت ان جي شڪر گذاري ڪرڻ گهرجي،۽ ان جي پڌري ڪرڻ ۾ گهٽ کان گهٽ ايتري قدر جوش تہ ضرور ظاهر ڪرڻ گهرجي جو مصنف اهو ڪتاب ايتري قيمت ۾ ڏيئي سگهي جنهن قيمت ۾ اهو عيسائي جو رسالو وڪامي ٿو.

8 اڪٽوبر 1911ع

**مولوي عبيدالله**
**ناظم**
**جميعتہ الانصار ديوبند و قاسم المعارف سنڌ**
**نوابشاهہ**


www.sindhsalamat.com

الحمد لله و كفيٰ وسلام عليٰ عباده الذين اصطفيٰ اما بعد :

منهنجي دوست مسٽر لالچند حضرت محمد رسول الله ﷺ جي مختصر سوانح عمري لکي آهي اهو ڪتاب منهنجي خيال ۾ نهايت قابل قدر آهي ۽ تواريخ جي مد نظر تي وڏي خبرداريءَ سان لکيو ويو آهي.تنهنڪري سڀ ڪنهن سنڌي خوانده مسلمان کي مناسب آهي جو اهو ڪتاب پاڻ به ضرور پڙهي ۽ پڻ پنهنجن دوستن کي ان جي پڙهڻ لاءِ همٿائي.منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب جي پڙهڻ کان غير مسلم لوڪن کي به گهڻو فائدو ٿيندو.هڪ غير مسلم محقق سچن حقيقتن جو خزانو جو عام جي اڳيان نذر طور رکيو آهي تنهن ۾ هر هڪ عالم ۽ پڙهيل حقدار آهي.

مضمون نسبت ته ايترو گهڻو ٿيو عبارت نسبت به پڙهندڙن کي نيڪ روشن هجي ته مسٽر لالچند سنڌيءَ جو معقول مصنف آهي ۽ سنڌي علم جي واڌاري لاءِ گهڻو شائق آهي.

منهنجي هن ناچيز راءِ جي ضرورت هئي ته ڪانه جو ته استاذي المڪرم حضرت مولانا مولوي عبيد الله صاحب جن مدظلہ العالي ناظم قاسم المعارف سنڌ هن رسالي نسبت اڳيئي نيڪ رايو ڏيئي چڪا آهن.پر مسٽر لالچند جو چوڻ ٿيو ۽ مون نهايت خوشيءَ سان هي ٿورو ڪي لکيو آهي ڏٺي سڳورو هن ڪتاب کي علم فائدي لاءِ ڪارگر ڪري.

**خاڪسار محمد علي شاهه**

**پرشن ٽيچر سنڌ مدرسہ الاسلام ڪراچي.**

*

حضرت رسول الله ﷺ جي حياتيءَ بابت جيڪو ڪتاب "محمد رسول الله" نالي مسٽر لالچند ماستر مدرسہ الاسلام جوڙيو آهي سو سڄو مون مطالع ڪيو.اگرچہ هو مختصر آهي پر انهيءَ اختصار هوندي هو گهڻين ڳالهين ضرورين جو حاوي آهي.مسٽر لالچند جو اهو ڪم بيشڪ آفرين جوڳو آهي،جو ته هن بحيثيت هندو ڌرم هئڻ جي جا تحقيقات ۽ انصاف پسندي ڪم ۾ آندي

محمد رسول الله ﷺ

## اڳاتا عرب

عرب لوڪ صدين کان سدائين آزاد رهندا اچن .چاتيءَ وارا مڙس ۽ مهمان نواز هڪڙائي آهن.فصاحت ۽ بلاغت ۾ ته سندن مٽ ڪو ورلي هوندو.ٻيا به منجهن چڱا چڱا ڳڻ آهن پر باوجوديڪ ان جي ،اڳاتو ،منجهن گهڻيئي اهڙيون ڪنيون عادتون ۽ ريتون پهتيون هيون جن ٻڌي ۽ پڙهي هيبت وٺيو وڃي ۽ لڱ ڪانڊارجن جهڙوڪ قرلٽ ۽ خونريزي ،حرام ۽ بدفعلي وغيره وغيره شراب جي ته اهڙي ڪا وٿ هوندي هين جو ٻار ٿڃ ڇڏيندا هئا ۽ شراب کي لڳندا هئا.ڪنهن آدميءَ کي نڙيءَ تي نهن ڏيئي نگهوسار ڪرڻ سندن لاءِ راند هوندي هئي.موادي وري ڪين جهڙين ڳالهين تان پاڻ ۾ اهڙا اهڙا ساڙ سانديندا هئا ۽ پيا هڪ ٻئي جو چڪين ماس چنندا هوا.خصوص ويچارين ڪنوارين سان ته هاءِ هوندي هئي.غيرت وارا لوڪ ته جيئري ڪين ڪٽي قبر داخل ڪندا هئا.ڊپ ٿيندو هون ته متان ڪو شاهينگ نه شرم ۾ هٿ وجهين ۽ سندن ست ٿوڙي.

جيري تي جيرين پرڻجڻ جي به منجهن ريت هئي.سو عورتن جي حالت تمام بري هئي.مڙسن کي ڇڙواڳ هوندي هئي.وٽين اوتريون زالون رکن ۽ پنهنجي رو تي ٿو ڪتا ڪري ڪن کي ڏهاڳ ڏين ،ته به سندن وس هو.ساڙ ،وير ۽ ريس ۾ سارا رتا پيا هوندا هيا بغض جي باهه به توبهه هوندي هين.

منجهن ٻي هيءَ رسم جاري هئي.سندن خاص خاص هنڌن تي هر سال وڏيءَ ڌام ڌوم سان ميلا لڳندا هئا.جتي عربستان جي هرپرڳڻي جا رهاڪو اچي ڪنا ٿيندا هوا.اهڙو هڪڙو ورهيارو ميڙو مڪي ۾ ڪعبي جي پرسي سان لڳندو هو.اهو ميلو اڄ تائين مند تي هر سال لڳندو اچي.پر هيئنر اسلام مان اصلاح پاتي اٿس.۽ مومنن تي فرض آهي ته هڪ لڱا مڙيوئي حياتيءَ ۾ اهو حج ڪن.هن ميلي ۾ ملڪ جي چئني پاسن ۽ ڏهن ئي ڏسائن کان ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو اچي ڪنا ٿيندا هئا.اهڙو تماشو لڳي ويندو هو جو بس ! ڪتي

ڏس تہ ڪو فصاحت جو صاحب آهي ۽ ڪٿڪ ماڻهن جي ڪي فصيح تقرير پيو ڪري ؛ ڪٿي ڏس تہ ڪو شاعر آهي ۽ برزبان بلند آواز شعر پيو چوي.ڪٿي ڏاڍا مڙس پاڻ ۾ زور پيا آزمائن ۽ ڪٿي جوڌا جنگي نيزه بازي جو هنر ۽ فن پيا ڏيکارين،ڪٿي تہ وري ڏس تہ ڪو چيٽا پور ڏجن ۽ ڪڏن ڪوٺ خبيث آهي جو ڪين جهڙيءَ ڳالهہ تان ڪنهن ڏارئي آڪهہ جي آدميءَ سان ٺوڪر ڪائي پنهنجي ۽ هن جي آڪهہ جي وچ ۾ فساد جي باهہ پيو دڪائي.پر ان ڏاران ٻيون ان ميلن ۾ اهڙيون بي حيائيءَ ۽ بي غيرتيءَ جون ڳالهيون ٿينديون هيون جن جو رڳو ذڪر ڪرڻ بہ بي شرمي آهي.

## عربن جو مذهب

عرب لوڪ هميشہ ڪان تہ"وحده لاشريڪ " جي هستيءَ جا قائل رهندا آيا آهن پر حضرت محمد ﷺ جائو تنهن زماني ۾ بت پرستي بہ منجهن زور هئي.خود اهي لوڪ جن جو هڪ خدا ۾ ويساهہ هو تن جو اهو بہ يقينو هوندو هو تہ هي بت جن جي اسان پوڄا ٿا ڪريون،سي اسان جي پاران ان پاڪ پرور جي حضور ۾ اسان جي سفارش ڪندا.مطلب تہ گهر گهر ۾ بتن جي بادشاهي بحال هئي ۽ اهي بت اڪثري سندن انهن نامڪنين بزرگن جا هوندا هئا جي آڳاٽو عربستان ۾ گذر ڪري ويا هئا.ان ڏاران ان وقت اڻ جاٽائپ ۽ اياڻپ جي اوندهہ ڪين ائين وڪوڙي ويئي هئي جو سندن ساري قوم عيبن جو هڪ مانارو ٿي پيئي هئي.حالي شاعر پنهنجي مشهور مسدس ۾ ان زماني جي عربن بنسبت جيڪي چيو آهي تنهن ۾ رتيءَ ماتر بہ وڌاءُ نہ آهي.ابوجهي ان مان گهٽا فقرا سنڌيءَ ۾ آندا آهن تن مان ٿورڙا ڏجن ٿا.

عرب هڪڙو ڀيٽ دشت بلا هو
لڳايو انهي جو ٻين کان جدا هو
نہ هو ٻين ملڪن تي فرمان روا هو
نہ ٻيو ڪو سندس حڪم ۾ مبتلا هو
سڏاري جو سايو نہ آيو ڏسڻ ۾
وڏاري جو نالو نہ آيو ٻڌڻ ۾

*

قبيلي قبيلي جو هڪ بت جدا هو


www.sindhsalamat.com

ڪنھن جو ھبل ھو ڪنھن جو صفا ھو
ڪنھن جو اساف ۽ ڪنھن جو عزا ھو
انھي طرح گھر گھر نئون ھڪ خدا ھو
نہ آئي اجا ھئي بھار ھن چمن تي
خزان ھئي فاران جي چوٽين تي
*

ھلت جا ھين سا سڀي وحشيانہ
ڦرڻ ۽ لٽڻ ۾ سڀي ھا يگانہ
ڏڦيڙن ۾ گذريا ھنن جا زمان
نہ ھو ڪوئي قانون جو تازيانہ
ھو ھا قتل شارت ۾ چالاڪ اھڙا
بگھيڙيا مرون آدمي خوار جھڙا

## حضرت محمد ﷺ جو اصل نسل ۽ ٻالاپڻ

قرآن مجيد جي "سوره الفيل" ۾ آيو آھي تہ ابره اشرم شاھ ابيسينا جڏھن يمن فتح ڪري اتي پنھنجو دخل جمايو تڏھن معلوم ٿيس جو سڀيئي عرب لوڪ سال بہ سال ڪعبي جي حج لاءِ اچي مڪي ۾ ڪٺا ٿا ٿين.ھن جي سڏ تي تہ آئينده اھو حج اچي يمن ۾ ڪن ۽ ان لاءِ سڏپڏ مڪي جھڙو ڪعبو يمن ۾ ڪٽي بنايائين ۽ لوڪن کي ان جو چتاءُ ڪيائين پر سين ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيس.شاھ تنھن تان اچي ڪھليو ۽ ترت ئي ھاٿين جو ھڪ ڀاري ٽلو سوارن سميت ڪنو ڪري .مڪي تي ڪاھي آيو.قصا الاھي مٿائن پٿرن جو اچي وسڪارو ٿيو ۽ سارو ڪٽڪ ۽ ھاٿين جو ٽلو اتي ئي پورو ٿي ويو.

ھاٿي انھيءَ "واقعہ فيل" کي ٿورائي کي ڏھاڙا ٿيا ھوا تہ سومر ڏينھن ربيع الاول مھيني ۾ يعني 570ع جي اگسٽ مھيني ۾ قريشين جي بني ھاشمين واريءَ نامياري ۽ نامڪنيءَ آڪھہ ۾ حضرت محمد ﷺ جو تولد ٿيو.

ہوے پہلوے آمنہ سے ہویدا دعاے خلیل اور نوید مسیحا

حضرت محمد ﷺ جي پيءُ جو نالو عبد الله ھو ۽ سندس والده جو نانءُ بي بي آمنہ.سندس ڄمڻ وقت پٽس حيات نہ ھوچوويھن ورھين جي عمر ۾

بيبي آمنہ وهائو ڪيو هوائين.هن ويچاريءَ اجان پهرين مراد بہ نہ ڏٺي هئي تہ ڪيس تجارتي قافلن سان شام جي سفر تي وڃڻو پيو،جتان موٽندي ناچڱو ٿي پيو ۽ مدينہ ۾ ئي دم ڏنائين.

باقي عبدالمطلب سندس ڏاڏو جيئرو هو.سو سندس ناري وڍڻ جو ٻڌي ڊوڙندو آيو ۽ ائين ڪيس هنج ۾ کڻي وڃي ڪعبہ کي ڦيرا ڏنائين ۽ ڏٽيءَ جو شڪريو بجاءِ آندائين.عبدالمطلب ڪعبي جو شريف هو ۽ اهو عهدو بني هاشمين جو موروثي حق هو جوجو خود هاشم عبدالمطلب جي بابي ڪئين لڳا ڪعبي ۽ مڪي کي ويرين کان بچايو هو.

پنج اٺ ڏينهن گذريا تہ ڇنيءَ جا جشن ٿيا ۽ ديس جي ريت پهت پٽاندر عبدالمطلب ساري ڪڙم کي ڪوٺائي سندن سامهون ڪڪي جو نانءُ محمد ﷺ رکيو.ڪي وري لکن ٿا تہ آمنہ وري سندس نالو احمد رکيو جو سپني ۾ ڏٺو هئائين تہ فرشتو ٿو چويم تہ"توکي ڪکو ڄمندو ۽ الاهي امر آهي تہ ان جو نانءُ احمد رکج"

پهريان ڏهاڙا خود آمنہ ۽ ڪجهہ عرصو وري ڏيرس ابو لهب جي وهاريل ڪڪي کي ٿڃ ڏني پر ٿن ڏينهن خاندان عربن ۾ دستور هوندو هو جو ٿڃ ٻار کي پراون پر پاڻ جهڙن ئي شريف خاندانن جي عورتن جي پيارينداهوا ان پٽاندر ٿڃ پيارڻ ۽ نپائڻ لاءِ وهياتري محمد ﷺ جي ٻانهن بني سعدن جي آڪهہ مان هڪڙيءَ عورت حليمان نالي کي کڻي ڏنائين. جا ڇهين ڇهين مهيني فقط هڪ لڳا ڪڪي کي مائٽنس وٽ منهن ڏيکارڻ لاءِ وني ايندي هئي.

جڏهن ٻالڪ پرين ٻن ورهين جو ٿيو تڏهن دستور موجب ٿيا ڇڏائي.حليمان ماٽس وٽ وني آيس ڇي "مائي وٽ موٽائي پنهنجي ملڪ ،تنهنجو آهي خدا توکي بخشي ڏئي" بي بي آمنہ ڏٺو تہ پٽم پراون وٽ رهي ڏاڍو گندلو ٿي پيو آهي ۽ هاٽي متان مڪي جو پاڻي پاءِ نہ پويس سو حليمان کي چيائين تہ "ادي ٻڌين ٿي ڪڪي کي واري تون پنهنجي وطن وني وڃ جتي شل جڏهن وڏو ۽ هوشيار ٿيندو تڏهن آءُ پاڻ کان پاڻهي گهرائي وننديسانس."حليمان تہ ائين گهريو ٿي سا موٽائي پنهنجي وطن وني آيس ۽ ٻہ ورهيہ ٻيا ٻہ ڏاڍن لاڏن ڪوڏن سان ويهي پاليائينس.جڏهن پنجين ۾ پير پيس تڏهن ٻالڪ موٽي مائٽن وٽ مڪي ۾ آيو.

ڇهين ورهين جو ٿيو تہ ماٽس پاڻ سان گڏ مدينہ وني ويس پر ڳيوراڙي اتان سر سلامت وني ملڪ نہ موٽي واٽ تي موضع ابوا ۾ ويچاري سڌاري

هلي.هنڪان پوءِ نپايس ڪيس ڏاڏس پر نينگر اڃان ورهين جو ٿيو ته هن گهوٽ ڪي به اجل گهائي وڌو.

جنهن شخص پاڻ پنهنجي ابي جون پيار پريون اکيون نه ڏٺيون هونديون ۽ پنهنجي پياري پيءُ سان آرا انگل نه ڪيا هوندا ۽ سندس مصريءَ جهڙا مٺا ٻول نه ٻڌا هوندا بلڪ پيءُ جي شڪل ئي نه ڏٺي هوندي ۽ جو شخص ننڍڙي ئي پنهنجي مٺيءَ ماءُ کان وڇڙيو هوندو ۽ ان جي من موهن محبت کان محروم رهيو هوندو جو شخص پاڻ جنهن ڄمار ۾ ٻالڪ ڪيٽا ڪندا آهن ۽ مائٽ کين لاڏن ڪوڏن سان نچائيندا ٽپائيندا ۽ گل گولڙيون ڪرائيندا آهن تنهن ڄمار ۾ ئي ڇورو ٻڌجي پيو هوندو سو شخص ئي يتيمن جي دلين جي اباڻڪائي ۽ ڇورن جي ابلائي جو پوريءَ ريت ويچار ڪري سگهندو.

حضرت محمد ﷺ کي ننڍڙي ئي جي مائٽن جا هٿڙا ڦوڙائي جا ڦڇ پيا تنهن ۾ به حڪمت هئي سياءُ جو حليم ۽ ڪهل وارو ٿيو سو خصوص ان ڪري سائينءَ سڀوري شايد گهريو ٿي ته اهي سور سهي هو نهايت هر دلعزيز ۽ بردبار ٿئي.هونءَ نه ته ممڪن آهي جو سندس ڳوناڻي سدائين گمراهيءَ جي ڳپ ۾ ڳتاپيا هجن ها.

ڏاڏي جي قضيئي بعد حضرت محمد ﷺ گهر ۾ گهٽو نه گذاريندو هو.پهاڙ ۽ بيابان جيڪي مڪي جي چڪ ۾ آهن تن ۾ پيو گهمندو هو ۽ ان جي اتاهين ۽ ايراضي ڏسي سارو وقت پيو سوچ ويچار ڪندو هو.

”سرشتي بمثل هڪ پستڪ جي اهي جنهن جو پرت پرت وندرائيندڙ ۽ نصيحت آميز آهي.“هن صاحب اڃان ورهين جي ڄمار ئي ۾ سندس پرت پرت ائينپڙهيو ۽ منجهائنس ايترو پرايو جئين ڪو نه پڙهي ڪو نه پرائي.

چاچهنس ابو طالب جا منجهس پران هوندا هئا ۽ جيسيتائين هي نينگر گهمي ڦري گهر نه موٽندو هو تيسيتائين انڌيون پيون ايمديون هئس چوندو هو“وس پڄيم ته پل نه پاڻان پري ڪريانس“.حضرت محمد ﷺ به سندس اهڙو ئي حق مان رکندو هو ۽ روز هڪ لڳا منهن ضرور ڏيکاريندو هوس نه ته لاچار پئي ائين ڪندو هو پر پاڻ به روز چاچي جي منهن ڏسڻ ڌاران گهاري نه سگهندو هو پيار سندن پر سپر هو.

بحيره راحب: هڪ لڳا ابو طالب کي ڪو شام ڏي وڃڻو پيو حضرت محمد ﷺ تن ڏينهن يارهين ورهين جو نينگر هو چاچي جي اسهڻ جو ٻڌائين

تہ من پرجي آيس اکين ۾ پاڻي آڻي چاچي کي ڳلي کان ڇهڻي پيو ۽ منهن اهڙو ڪٽي نماڻو ڪيائين جو هن چيس "بابا پٽ روءُ نہ تون مونسان هليو هل"

مسلمان راوي لکن ٿا تہ جڏهن قافلو بصره ۾ پهتو تڏهن اتي بحيره نالي راهب سان محمد ﷺ جي گفتگو ٿي ۽ سندس سمجهہ ۽ عقل ۽ مٺي ڳلهائڻ ۽ نرمل سڀاءُ هن راحب کي اهڙو موهي وڌو جو چاچس کي چيائين تہ "ادا هيءُ تہ آفتاب عرب اٿيئي عربن مان بتپرستي اهو نهوڙي نيندو پر ڏاڍي سندس سر جي سنڀال ڪج ڏسجئين متان ڪن يهودين جي ور چڙهي وڃي ۽ هو پورو ڪري ڇڏينس."

ڪن روايتن ۾ هئن بہ لکيل آهي تہ بحيره ابو طالب کي هئن بہ چيو تہ ٻڌائنيهن اهو ساڳيو شخص اٿيئي جنهن جي اچڻ جو اِشارو حضرت عيسيٰ بہ ڪري ويو آهي ۽ بيشڪ هيءُ خدا جو رسول ۽ پويون نبي آهي."

محمد صاحب ﷺ هن مسافريءَ مان گهڻو ڪي پرايو عربن جا جيڪي ڪ مشهور تواريخي مڪان ۽ پهاڙ آهن سي سيوجي اکين ڏنائين ۽ پڇي ڳاڇي سمورو سندن سماءُ هٿ ڪيائين جدا جدا ملڪ ۽ ان جون ايراضيون وري تن اندر جهنگل ٻيلا ميدان بيابان جل تڪر ٻيا ٿياس ڏسي مالڪ جي وڏائيءَ جو ويچار ٿيس تہ چا تہ هو سگهارو هوندو ۽ دل تي اهڙو اثر پيدا ٿيس جو پوءِ وعظ ڪندي ڪڏهن بہ خدا جي هستيءَ بابت ڪو دليل ڏيڻو پوندو هوس تہ وٺي ان ڏي اشارو ڪندو هو ۽ ٻڌندڙن کي چوندو هو تہ"نٿا ڄاڻو جو ان سڀني جو اپائڻهار ڪير آهي؟ ڏسو نٿا ڪيئن تہ ساري سندس جوڙ سندس هستيءَ جي گواهي پيئي ڏيئي."

خيثتا سشيِ ئِسلاف

چوڏهين ڪ پندرهين ورهين جو جوان نينگر هو تڏهن قريشن ۽ بني هوازن وارن جي وچ ۾ حرب الفجار واري سخت لڙائي لڳي جنهن ۾ چاچي سان سامل بہ دفعہ پاڻ بہ لڙيو بس پوءِ مٿان پنجويهن ورهين جو اچي جوان ٿيو.تنهنوچ ۾ فقط بہ واقعا سندس حياتيءَ ۾ ٿي گذريا.پهريون تہ يمن ۽ بين پسگرداين ۾ گشت ڪريُ لي آدمين سان وڻج واپار ۽ سودي ٻئي ۾ اهڙي سوڏي هلت هليو ۽ ليکي جوکي ۾ ساڻن اهڙو صفا رهيو جو هنن نالو ئي ڪٽي صادق ۽ امين رکيس ٻيو تہ خديجہ سان سندس ڏيٺ ٿي.

خديجہ مڪي ۾ رهندي هئي ۽ گهر وارس وڏو ڀاڳيو آدمي هوندو هو جڏهن ان وفات ڪئي تڏهن مرضي ٿيس جو پاڻ وٽ اهڙو ڪو آبروءَ وارو

آدمي رکان جو مال جي نظر داري ۾ پيو ڪري ۽ يمن ڏي وجي.اتي ان جو نيڪال ۾ پيو ڪري.حضرت محمد ﷺ جي سچائيءَ جي ساک سڄي هيائين سو چوائي مڪائينس ته"اڇي مونوٽ بيهه ته چڱو پگهار ڏيانءِ" حضرت محمد ﷺ ۾ چاچي ابو طالب سان صلاح ڪري ڪٽي اها آڇ قبولي نوڪري اهڙي سپت سچائيءَ سان ڪيائين ۽ پنهنجي ڏياٽيءَ جو مال نيڪال ڪري ڪين ايترو فائدو هچاپائين جو ڏياٽيس آخرُ لس راضي ٿي.ڪٽي ساٽس لائون لڏيون ان وقت حضرت محمد ﷺ پرين پنجويهن ورهين جو هو.

خديجه پئسي واري عورت هئي ۽ ريڏي پاڻ هئي.سو محمد صاحب ﷺ جي ڏاڍي رکندي هئي.متائنس ٻلهار پيئي ويندي هئي .حضرت محمد ﷺ ۾ ساٽس اهڙا ئي پيبر هلندو هو.

حليمان جنهن حضرت محمد ﷺ کي تج پياري هئي سا ويچاري زماني جي گردش لوڙهي چڙي هئي.هاڻ جو ٻڌائين ته خديجه حضرت محمد ﷺ سان نڪاح وڏو آهي سو اچي پٽيلي سان حال اوريائين .حضرت محمد ﷺ بي بي خديجه سان ڳالهه ڪئي ۽ هن اماڻڪ ڪٽي چاليهه رڍون بخش ڪينس جي وني حليمان گهوٽ ڪنوار کي دعائون ڪندي رهندي هئي.

اولاد

حضرت محمد ﷺ کي بي بي خديجه مان چار نياڻيون ۽ هڪ پٽ ٿيو.پٽس جو نانءُ قاسم هو پر معصوم تڳيوئي ڪين.وري آيو نياڻينس جا نالا هي هوا (1) رقيه (2) زينب (3) فاطمه (4) ڪلثوم

ملڪ جو اونو

حضرت محمد ﷺ کي هاڻ خيال ٿيو جو ملڪ کي سڌارجي ۽ ان جي ڀهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙجي.اڳي عربن ۾ رواج هوندو هو جو مڪي جي اندر ڪنهنکي ۾ ظلم ستم ڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي.اول اول اهو رواج نئي سر عمل ۾ آڻايائين ان ڪم ۾ پاڻ سان شامل ٻين آڪهين جي عيوضين کي ۾ ڪيائين.

## عثمان عيسائي

ٿورا ڏينهن گذريا ته عثمان بن حارث وطن جو ويري ٿي بينو دين عيسائي اختيار ڪيو هوائين ۽ مرضي هيس جو مڪي جي حڪومت جون

واڳون يونانين کي ڪٽي سپرد ڪريان ۽ سچ پچ ان جي سربراهيءَ لاءِ ويهن ئي نهن جو زور لڳائي ٻيئنو پر محمد ﷺ اهڙو ڪٽي ڳوناين ۾ جوش جاڳايو جو سڀ ننڍا وڏا ملڪ جي بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا ۽ ملڪ ڌارين جي ٻانهپ کان ڇٽي ويو.

## سنگ اسود

پنجٽيهن ورهين جو تڏهين ڪعبي اندر ڪا اچي آڳ لڳي ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام وارو معبد ڊهي پيو. عرب لوڪن گهريو ٿي تہ وري نئين سر ان کي ڪڙو ڪريون پر منجهن اچي تڪرار لڳو تہ اول سنگ اسود لڳائي ڪير؟ هر ڌر وارا چوڻ لڳا حق اسان جو آهي ۽ اهو شرف اسان جي آکهہ کي ملڻ کپي نيٺ نهراءُ ڪيائون تہ سياڻ پرهہ ڦٽيءَ جو حرم جي دروازي اندر جيڪو پهريون ئي پهريون شخص پير پائيندو.ان کان پڇي .ان جي چئي پٽاندڙ ڪاروائي ڪنداسون.اتفاق اهڙو ٿيو جو ٻي ڏينهن پنيرڪي جو دروازي اندر پهرين پهرين حضرت محمد ﷺ ئي پير پاتو.سڀ اچي لڳس تہ ڪر فيصلو تڏهنين سوچ ڪري صلاح ڏنائين تہ"هئن ڪريو جو پٽ تي هڪ چادر ڪٽي وڇايو تنهن تي سنگ اسود آڻ پاڻ ڪني ٿو رکان پوءِ چادر کي چئن ئي ڪندن کان سين آڪهين جا عيوضي جهلي سنگ اسود کي ڪٽي پنهنجي اصلوڪي هنڌ تي آڻيو."هي فيصلو ٻڌي سيني ۾ واهہ واهہ پئجي وئي ۽ سيڪو سندس جس ڳائيندو رمندو رهيو.

## زيد

ڳوناٺين سان همدردي هيس ۽ انهن لاءِ هڏ ڪڙڪيس ٿي  سا ڳالهہ تہ سندس ويري بہ قبول ڪندا پر وڏو ڳڻ منجهس اهو هو جو ڌارين جو بہ خيال ٿيندو هوس.زيد پٽ حارث جو ڪنهن لڙائيءَ ۾ پڪڙجي پيو ۽ سندس ويرين آڻي ڪٽي بي بي خديجہ جي ڀائيٽي کي وڪيس تنهن وري ان جي ٻانهن ڪري پنهنجي پڦيءَ کي ڏني.

زيد جو هيڻو حال ڏسي هن حضرت کيُ لس ڪهل آئي  ۽ گهر واري کي چيائين تہ"زيد مونکي ڪري ڏي." هوءَ تہ حڪم جي ٻندي هئي.تنهن چيس

”خاوندا اچي مِلڪ اوهانجي آهي“ حضرت محمد ﷺ پوءِ زيد کي چيو تہ“تون آزاد آهين ڀيو خيال نہ ڪر هيءُ گھر پنهنجو ڪري ڄاڻ“ هاڻ زيد جي پيءُ کي هن قصي جي خبر خير ڪا هئي سو ويچارو ڪجھہ روڪڙ ڳنڍ ٻڌي پٽ جي ڇڏائڻ لاءِ اچي اتان نڪتو محمد صاحب ﷺ چيس تہ“مِلڪ تنهنجي آهي بيشڪ وني وڃينس پر جي پاڻ هتي رهڻ چاهي تہ بہ اسان جي اکين تي آهي.“ پڇس زيد کي چيو ”پٽ هلندين“ زيد وراڻي ڏنيس“نہ بابا آءُ پنهنجو هت ئي رهندس.“ محمد صاحب ﷺ پوءِ پنهنجي ڀقاٽ زينب سان پرڻائي ڇڏيس زينب خوبصورت ۽ آڪهائتي عورت هئي.

## واحد دروينتيون

حضرت محمد ﷺ جو اهڙا خير جا ڪم پي ڪيا سو ڏينهون ڏينهن سندس ناموس پي وڌيو.پر ڪيس ڳڻتي جيڪا هئي سا ديس ڀاين جي ڏسندو جو هو تہ هٿڙا ڪاهل ۽ جاهل آهن سو اندر ۾ الاجي ڇا پيو ٿيندو هوس.

وس ويچاريءَ ناه ڪو تون آڳا عرضُ لناءِ

ڏينهن رات سٻاجهي در اهيئي پلو پيو وجهندو هو ! يا نہ پنهنجي سر پاسن ۾ ڪندن ۾ ويهي سوچ ويچار پيو ڪندو هو ۽ ڏاڍيون رڙون پيو رڙندو هو.هر سال رمضان وارو مهينو سارو ئي نيم هوندو هوس،جو وڃي غارحرا ۾ گذاريندو هو ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ آڳي جي عبادت ۾ رُڌو رهندو هو.اتي بہ اهائي پڪار هوندي هئيس تہ“خدايا فضل فرمائي هن بندي جي ڳوناين کي سنئين پير تي آڻ ۽ ڪين اڻ ڄاڻپ جي عذابن کان آزاد ڪر!“

## مشاهدو

نيٺ مالڪ جي اتس مهر ٿي جو الهام الاهي جو چشمو سندس دل ۾ ڦٽو ۽ نور خداونديءَ جو چمڪار اتس چمڪيو ۽ اهڙو اتس ايچپو ٿيو جو هو مالڪ جي مرضي معلوم ڪري سگهيو هينئر يقين ٿيس تہ اپٽهار مونکي اپايو ئي ان لاءِ آهي جو آءُ پنهنجي ڳوناين جا خلاق سڌاريان ۽ ملڪ جا گهڙا پريان.ان زماني ۾ اڪثري غيبي آواز پيو ٻڌندو هو ۽ جاڳندي ستي پانت

پانت جا رنگ روپ پيو پسندو هو.چاليهن ورهن جو ٿيو ته هڪ ڏهاڙي غار حرا ۾ ويني ويني چا ٿو ٻڌي جو ڪو پڪاري بينو چويس ته"هي تون پڙهہ"

حضرت محمد ﷺ پڙهي ڄاڻان ئي ڪين ٻه ٽيرا ٻيا ٻه هن چيس ته "هي تون پڙهہ"پر اهي ٻئي ٽيرا ٻه حضرت محمد ﷺ جواب ڏنس ته "پڙهي ڄاڻان ئي ڪونہ" تنهن ڪان پوءِ هن چيس ته "پڙهہ پنهنجي پروردگار جي نانءُ(جي برڪت) سان جو اپٽهار آهي.جنهن جميل لوهوءَ مان انسان جهڙو حڪمت پريو جسم جوڙيو آهي.پڙهہ پنهنجي پروردگار جي نانءُ(جي برڪت) سان جو ڪئين ڪرمن ڪرڻ وارو آهي جنهن قلم جي وسيلي علم سيکاريو ۽ آدميءَ کي اهي ڳالهيون ڄاڻايون جن جي هن کي سڌ نہ هئي."

## ڀهريان مسلمان

حديث ۾ آيو آهي ته هن تان حضرت محمدﷺ البت گهبرائجي ويو ۽ جنسي لڳن کي ڏڪٽي وني ويس.گهر موٽي ساري ڳالهہ گهر واريءَ سان ڪيائين.تنهن تسلي ڏنيس ته "انهيءَ ۾ ضرور ڪا چڱائي آهي.آءٌ ڄاڻان ٿي اوهان خدا جا پيغمبر آهيو ۽ آءٌ اوهان تي ايمان آڻيان ٿي."

بيبي خديجہ جو هڪ سوٽ ورقہ بن نوفل اڪين سجو ،جهوڙ پڙيو مڙس عيسائي هو.بي بي صاحبہ ان سان اها ڳالهہ ڪئي تنهن ٻڌي چيس ته"اڙي ائين؟ هيءُ ته تڏهين خدا جو رسول آهي جنهن جي اچڻ جو اشارو حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪري ويو آهي."پوءِ حضرت محمد ڏي مهاڙ ڪري ڪيس چيائين "حضرتا ! ارمان رڳو اهو آهي جو هاڻ سورن جي سوڪڙي اوهان لاءِ پئي تي تيار ٿئي.جن لاءِ اوهان جو اندر الاجي ڪيئن پيو ٿئي ۽ جن کي اوهان هن پڄاڻان سچي تعليم ڏيئي حق تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندوءِ،سي ئي اوهان سان ڪتي نانگ وارو وير وجهندا ۽ بينو نہ سهندو." هن حضرت کي حيرت لڳي ۽ پڇيائين"سو وري ڪيئن؟" هنن کي مون لاءِ هيترو قرب.مونسان هيتري محبت."

**ورقہ:** بيشڪ پر هيئنر اور زمانو ٿو شروع ٿئي پنهنجين اکين سان وينا ڏسجو خير! ورقہ بن نوفل بہ ُلس ايمان آندو تنهن ڪان پوءِ خود محمد ﷺ جو سوٽ علي بن ابي طالب نون ورهين جو نينگر سو بہ اچي ان دين ۾ داخل ٿيو.

حضرت محمد اڪثري ،خديجه ۽ علي کي ساڻ ڪري مڪي جي چڪ ۾ جي پهاڙ آهن ،اوڏانهن هليو ويندو هو ۽ اتي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ رُڌو رهندو هو.ڪنهن پيري ابو طالب اچي اتان نڪتو ۽ ڪين اور نموني ۾ عبادت ڪندو ڏسي پائيٽي کان پڇيائين ته "اي نور چشم تو هي مذهب ڪن سندو اختيار ڪيو آهي؟"حضرت محمد ﷺ نهه پهه ورندي ڏنيس "چاچا جان هي مذهب خدائي ،سندس فرشتن جو آهي ان جي پيغمبرن جو آهي اسان جي ڏاڏي حضرت ابراهيم عليه السلام جو آهي اپائٽهار مونکي اپايو انهيءَ لاءِ آهي ته آءٌ سندس پللن ۽ گمراهه ٿيلن بندن کي سنئين رستي لايان اوهان به اچو بت پرستي ڇڏي مذهب خدائي اختيار ڪريو ۽ ان جي ڦڪلائڻ ۾ مون سان مددگار ٿيو." ابو طالب جواب ڏنس"دل چيو نٿي ڪري جو هن عمر ۾ ابن ڏاڏن جو دين ڏوئي ڇڏيان مگر منهنجو سخن اٿيئي ته منهنجو جيسيتائين سر سلامت آهي.تيسيتائين تنهنجو وار نه ونگو ٿيڻ ڏيندس."ابو طالب پوءِ پٽ کان پڇيو ته "ابا تو به اهيوئي مذهب اختيار ڪيو آهي ڪيئن"

علي رضه:جي هان قبله عالم

ابو طالب :چڱو ڪيو اٿيئي

هن پڄاڻان سنت زيد بن حارث اسلام اختيار ڪيو ۽ پڻ ابوبڪر حضرت محمد ﷺ تي ايمان آندو.ائين ڏيري ڏيري مسلمانن جو عدد ويو وڌندو.

## قريشي ڪتيل

ٿي ورهيه برابر ته ڳجهه ڳوهه ۾ ئي لوڪن کي سمجهائي.حضرت محمد ﷺ ڪين دين اسلام جو پي قائل ڪيو.نيٺ هڪ ڏهاڙي پنهنجن مڙني مائٽن ،عزيزن خويشن ۽ ڪڙم قبيلي وارن کي پنهنجي جاءِ تي ڪوٺائي ساڻن دين اسلام جي ڳالهه جو رياءُ ۽ ڪين ان جون خوبيون بيان ڪري ٻڌايائين تنهن تان مڙني وٺي ناسون ٽيڙيون ۽ چپ ڊولا ڪيا ڏاڍي مڙسن کي منيانلڳي ويئي ابو طالب کي چيائون ته "هي پائيٽو اوهان جو ڀاهتريو ته نه آهي؟ڪل ته نه ٿڙڪي اٿس؟متان ڪنهن ڀوت منجهس واسو ڪيو آهي؟" ابو طالب سمجهاين ته "وحد نه وجو اهڙا سخن هن کي نه پٽيو"تنهن تي ڏند ڪڏي بيهي اتس ڪلڻ لڳا ۽ عتاب ڏنائونس ته"پائيٽي کي ڪاري ڀهر ئي اوهان ڪيو آهي"

هيتري چاچهنس تي هاسي ٿي ۽ هيترا پاڻ ڳالهائڻ ڪاڏائون ته به دل سندس لوڏو نه کاڌو اٿلو همت ٿي آيس ۽ يقين ٿيس ته تندهي سان ڪم ڪي لڳو رهيو ته اوس سوپارو ٿي ٿيو پوءِ هر روز وچ بازار ۾ بيهي وڏي واڪي پيو وعظ ڪندو هو بت پرستيءَ جي برخلاف اهڙيون تقريرون ڪيائين جو قريشن جو اچي سک ڦٽو ابو طالب کي چيائون ته "اسان کي اوهان جو لحاظ ٿو ماري نه ته هن بي دين جاهل پاڳل کي اب جواب پورو ڪري ڇڏيون.پر هن کي پشت آهي ڪنهن جي ؟ متان اوهان جي ڪپڙي تي ٿو ڪڏي؟جي اوهان ساڻس ڳانڍاپو آهيو ته اچو ته لڙي صفائي ڪريون"

ابو طالب ان وقت انهن کي ته اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٻڌائي هٽائي ڪڍيو پر پوءِ ڀائيٽي کي به سمجهايائين ته "پٽ هرو پرو انهن جو رنج مٿي تي نه کڻ پاڻ ڄاڻن سندن ڪرم ڄاڻي سندن ڪٿا سندن مٿا سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي چڙهندي تنهنجو چو اچي مٿو تتو آهي؟" محمد صاحب ﷺ سمجهيو ته هي ڪنڌ ڪڍائڻ جا پار آهن پر نهايت نهر سان جواب ڏنائينس ته "چاچا ڌرتي اٿلي پوي ڪيزمين آسمان هڪ ٿي وڃن آءٌ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ گهٽ نه پوندس.الله تعاليٰ مونکي هي ڪم سپرد ڪيو آهي سو جيسيتائين نڪون ساهه پيو ڪڍندس تيسيتائين ان جي ادائيءَ ۾ ئي لڳو رهندس."ان وقت ڪو حضرت محمد ﷺ کي ڏسي ها دل پرجي آئي هيس ۽ نيڻن مان نير نيسارا ڪيو پي وهيس.ابو طالب ڏنو ته هي حق تي آهي سو چيائينس "ٻچا نهيو فڪر ناهي تون بيشڪ جئن دل چاهيئي تيئن پيو ڪر"

محمد صاحب ﷺ کي هتون هٿي ملي سو زور شور سان وعظ ڪندو رهيو ۽ بت پرستيءَ جي برخلاف ڳالهائيندو رهيو پر قريشي کي تود هوا ٻلهزيرن تي اثر ئي نه ٿيو اٿلو ئي ڪتي ساڻس ڪٽي وير وڌائون ۽ ماري مات ڪري ڇڏينس ها پر ابو طالب ۽ ٻين سندن عزيزن جو خيال ٿي ٿين جڪ گهٽيئي پي مارپائون.

## لوڀ جي لالچ ۽ حضرت ﷺ جو جواب

نيٺ قريشن صلاح ڪئي ته ٻيلي هن محمد ﷺ کي هڪ لوڀ جي لالچ ڏيئي باز آڻجي تاب دڙڪي مان هي نه سمڌو سو سچ پچ هڪ معتبر هٿان چوائي مڪائونس ته"ڏسو اوهان هيڏا آڪهائتا ماڻهو ،هيڏا ٻٽائتا ،اوهان جو

اصل ناليرو نڏان ،هروپرو چو ڪٺي اسان کي ستايو اٿو ۽ پنهنجو ويري بنايو اٿو؟ چو اڇي اسانجن پاڪ بتن ۽ معبودن جي پنيان هٿ ڌوئي لڳا آهيو؟هروپرو چو اسانجن بزرگن ۽ وڏڙن جي نسبت ۾ ڪچو ڦڪو پيا ڳالهايو؟متان مرضي اٿو تہ ڌن ۽ دولت ڪني ڪريان ۽ وڏو ڀاڳيو ليکجان؟متان مرضي اٿو تہ ناميارو ٿيان ۽ وڏن وڏن معتبرن ۾ ليکجان؟ڌن دولت کپيو تہ چئوتہ اسين سڀ چندو ڪري ايترو خزانو ڏيونو جو ڍئي چڏيونو.اصل اڏجي پئو پتيون ئي سونيون تي پونو.نانءُ ناموس کپيو تہ چئو تہ پنهنجو سردار يا پيشوا ڪٺي ٿاڦيونو اصل ٻڌا ٻانها ٿيا اوهان جي چاڪريءَ ۾ بينا رهون ۽ جئن حڪم ڪريو تيئن پيا تعميل ڪريون مرضي هجيو تہ سلطان سڏجان تہ اسان کي ان کان بہ آر ناهي بيشڪ اسان جا سلطان سرجات بڻجي پئو پر خدانخواستہ جي ڪنهن جو اڇي توهان ۾ واسو ڪيو آهي ۽ ڪيئن بہ راضي نٿو ٿئي تہ اسان کي اجازت ڏيو جو اسين ڪنهن جنائيءَ کي گهرائي وٺون ۽ اهو اڇي ان جو تدارڪ ڪري پوءِ ان جو سمورو خرچ اسان تي اسان پري ڏينداسون.“

محمد صاحب ﷺ تنهن تي جواب ۾ فقط قرآن جون هينيون آيتون پڙهي ٻڌاينس

”(هي حڪم خدا) ٻاجهاري مهربان (جي حضور) کان جاري ٿئي ٿو.(هي قرآن) ڪتاب آهي جنهن جون آيتون عربيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهہ وارن لوڪن لاءِ نرواريءَ سان بيان ڪيون ويون آهن.(مجيندڙن کي خدا جي راضپي جي) خوشخبري ٻڌائي ٿو ۽ (نہ مجيندڙن کي خداجي غضب کان)ڍيڄاري ٿو.ان تي (بہ) انهن مان گهڻن منهن موڙيو ۽ اهي(ان کي) ٻڌن ئي نہ ٿا ۽(اي پيغمبر هي ماڻهو هي بہ)چون ٿا تہ جنهن (ڳالهہ)ڏانهن اسانکي سڏيو ٿا تنهن کان اسانجي دل تہ پردن ۾ آهي (جو تنهنجي ڳالهہ دل کي نہ ٿي لڳي)۽ اسان جي ڪنن ۾ (هڪ طرح جي) ٻوڙڻ آهي (جو جيڪي چوين ٿو سو ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي)۽ اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ (هڪ طرح جو) پردو (پيل) آهي (جو تون اسان تي ڪنهن طرح جو اثر وجهي نہ سگهندين) تنهن ڪري تون (پنهنجي دستور تي) ڪم ڪندو رهہ اسين (پنهنجي دستور تي) ڪم ڪندا رهندا آهيون(اي پيغمبر تون انهن ماڻهن کي)چئو تہ آءٌ (بہ) اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهيان(مگر) مون تي پيغام الاهي اچي ٿو تہ توهان جو معبود(اهوئي) هڪ معبود آهي تنهنڪري سڌو ان ڏانهن(منهن ڪري) هلو.“

هي ٻڌي قاصد ماٺ ۾ پئجي ويو زبان ئي نه اڪليس چا يا نه پئجي ويئي هجيس موٽي پنهنجن رفيقن سان اچي ڳالهه ڪيائين ته"پائي حال جو هي آهي چلي تو رکي"

## قريشين جا ظلم

قريشين ڏنو ته هتڙي هيناهين ورتيسون ته به سوپارا نه ٿياسون ۽ هي نه ريڊو هاڻ مسلمان ذات کي بنه چڏٹو آهي پوءِ ته اچي پاٽي ڪنيائون ۽ ڏاڍا ويچارن کي ڏجها ڏنائون.محمد صاحب ﷺ جو سڳو چاچو ابو لهب ،سو خود پائٽي جو جاني دشمن تي پيو.چاچينس ته اهڙو ڪم ڪندي هئي جو جن رستن تان ڏير وٽس لنگهندو پائيندو هو تن تي ڪندا پکيڙائي چڏيندي هئي.جي "پل مئي ڪي پيرن ۾ لڳن"بيو قريشي وري چا ڪندا هوا جو محمد صاحب ﷺ ڪٽي بيهي وعظ ڪندو هو ۽ قرآن شريف پڙهندو هو ته وني هل مچائيندا هئا.انهيءَ لاءِ ته ڪو ٻڌيس نه جنهن ٽڪريءَ تي بيهندو هو سا تپائي ڏيندا هئس.پوءِ لاچار جي ويچارو ڪک تي هليو ويندو هو، ته پنيان وني جنبوٽن جو وسڪارو ڪندا هئس ۽ سارو ڦٽي وجهندا هئس هڪ لڳا ڪٽي اڪيلو ور چڙهي وين سو ڪيائونس چا تي جو ڳچيءَ ۾ پٽڪو وجهي وني ڦاهو تي ڏنائونس.پر مٿان ابوبڪر رضہ اچي سهڙيو جنهن مڙسي ڪري ساڻن چٽا پيٽي ڪائي ڏک بجا جهلي ڪنائن مڙس جي ٻانهن چڏائي ورتي اها ڪن ابوبڪر رضہ نه اچي نڪري ها ته مڙس جو حال الائي ڪهڙو ڪن ها.

حضرت محمد ﷺ سان جيڪي جنيون ڦٽيون پي ٿيون سي ته هن صبر ڪري پي سنيون پر ارمان جيڪو تي ٿيس سو پنهنجن امتين جو.

ويچارن سان جنيون به جنين جهڙيون ٿينديون هيون.دشمن سندن ڪين ڳچيءَ ڪان وني ڳهلي ويندا هئن جهنگن ۾ پوءِ اتي اگهاڙو ڪري پٽ تي ڪيرائي مٿان چاتين تي ڀاري پٽر رکي چوندا هئن"چڏيو ٿا محمدي دين نه؟ اس تتهڻ ٿاندا پيا وسندا هوا بيو مٿانئن هيڏيون ساريون ڀاري چپون ،ويچارن جي زبان ٻاهر نڪري ايندي هئي ته به ڪيترا ته مرڻ کي مري پوندا هوا دين ڪين چڏيندا هئا ٿورڙا ڪي بيزار تي ڪٽي آنهن ڪندا هوا.

ساڳي جڻ هڪ لڳا حضرت عمار سان ڪيائون ۽ چيائونس تہ ”ڏي هاڻ محمد ﷺ کي گاريون“پر هن صفا نابري واري پوءِ لڳا پرئي مڙس پٽس کي ماري ماري ان ويچاري کي بہ اڌ مئو ڪري ڇڏيائون.

عمار جي جيجل امان بي بي سميہ اتي ڪڙي هئي پنهنجي خاوند ۽ سڪيلڌي پٽڙي کي پيڙبو ڏسي.بي اختيار واتون رڙ نڪري ويس ڇڏيائون ان کي بہ نہ ويچاريءَ کي ٽنگو ڪري اهڙي ساٽس بي حيائيءَ جي هلت ڪيائون جو بس لکڻ ئي شرم ٿو اچي.

مطلب تہ هڪڙو ڪرڙو قانون جاري ٿي رهيو تہ جيڪو ئي مسلمان منهن چڙهي تنهن سان اها عقوبت ڪئي وجي.محمد صاحب ﷺ جو پانيو ٿا انڪري جگر الاجي ڪيئن نہ پئي ٿيو هوندو!

## لڏ پلاڻ

نيٺ ٻيو تہ وس نہ هليس سو پنهنجن امتين کي صلاح ڏنائين تہ ”الله توهارتنهن ڪان اوهان لڏي وڃي ابيسينا ۾ ٽاٽي پتي ٿي رهو.اوهان پنهنجن پلون ۾ سچ پاتو آهي اوير سوير پلارو اوس اوهان کي ان جا پلا پاڙا ڏيندو دل نہ لوڙهيو.“

بس پوءِ تہ منجهن اڇي پيئي لڏ پلاڻ ڳچ جيترن امالڪ چڪيون آڪهون ساڻ وني وطن جا وڻ ڇڏي،وڃي پرديس وسايو.ٻين بہ رکي رکي پي ان جي پيروي ڪئي.هي هجرت 615 ع کان وني شروع ٿي.

قريشن کي جو پيو سماءُ تہ مسلمانن هتان لڏي وڃي ملڪ حبش وسايو آهي ؛سي پنيانئن ڪاهي وڃي اتي پهتن ۽ اتي جي شاهہ نجاشيءَ جي خدمت ۾ عرض گذاريائون تہ ”قبلا مڙيئي اسان جا غلام آهن اسان وٽان ڀڄي آياآهن اسان کي حڪم ملي تہ پڪڙي واپس وطن وني وڃون.“

شاہ مڙني کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي ڪين خبر ڏني تہ اوهان تي هيءُ تهمت آهي ان جو جواب ڪريو.

تنهن تي عليءَ جي سڳي ڀاءُ جعفر سيني جي پارانوراٽي ڏنيس“اي عاليجاه جهان پناهہ! حقيقت هيئن آهي اسان اڃاٽپ ۽ اياٽپ جي اوڙاهہ ۾ اڙيا پيا هواسين۽ وحده لاشريڪ لہ کي وساري بت پرستيءَ جي بنڌڻن ۾ ٻڌا پيا هواسون.اسان مردار ڪائيندا هواسون ۽ سارو ڏينهن پيا وات سات ڪندا

هواسون  مطلب تہ اسان انسان تہ ڪين هواسون ڪي حيوان هواسون پر سڀاجهي ستار فضل فرمائي حضرت محمد ﷺ ڪي رسول بڻائي اسان وٽ موڪليو  ان اسان کي امر الاهي ٻڌايو تہ هڪتي ئي ايمان آڻيو ۽ ڪنهن کي بہ سندس ثاني شريڪ نہ ٺهرايو سدائين سچ الايو ۽ ڪنهن جي بہ امانت ۾ خيانت نہ ڪريو.پنهنجن سان تہ پيريون نہ ڪريو پر پراون پرديسين جا بہ حق نہ ماريو.زال ذات کي مان ڏيو ۽ يتيمن جو مال نہ ڦٻايو.پاڪ ۽ پرهيزگار رهو.۽ خدا جي عبادت ۾ ئي عمر صرف ڪريو.اتئي ويني ان جو منو نانءُ پيا ڳهو ۽ ان جي نالي تي خيرياتون پيا ڪيو.اي بادشاهہ ان تي اسان ايمان آندو آهي ۽ ان امر الاهي تي عمل ڪيو آهي پر هنن ڳوناين اسان کي انڪري ايذائي ڏنو آهي جنهن ڪرياباڻا چنا بہ ڇڏي پنهنجا گهر ٻار ساڻ وٺي اسان اچي هتي پناهہ ورتي آهي اسان کي اميد آهي تہ اوهان اسان تي ڪهل آڻيندو ۽ هنن جي ظلم ستم کان اسان کي بچائيندو۔"

جعفر  جي تقرير جو اهو نتيجو ٿيو جو نجاشيءَ جي هنئين ۾ اها ڳالهہ گهڙي ويئي ۽ دل ٿيس تہ انهيءَ رسول عرب جي تعليم مان وڌيڪ واقف ٿيان جعفر  کي چيائين تہ "جو ڪلام اوهان جي نبيءَ تي نازل ٿيو آهي انمان ڪجهہ تہ مونکہ بہ پڙهي ٻڌاءِ."

جعفر  هڪدم سوره مريم مان ڳچ جيترين اوائل واريون آيتون حضرت عيسيٰ جي جمڻ بنسبت پڙهي ٻڌايس.

شاهہ کي خوشيءَ وچون لڙڪ وهڻ لڳا چپ پي ڏڪيس چيائين "هي ان نور جو چمتڪار آهي جنهن جو جلوه حضرت عيسيٰ تي ٿيو هو "قريشن کي صفا جواب ڏنائين تہ"هنن جون ٻانهون اوهان کي نہ ملنديون اوهان موٽي پنهنجي ملڪ وڃو." ۽ مومنن عرب وارن کي اجازت ڏنائين تہ"اوهان بي ڊپا اسانجي اوصاف هيٺ وينا رهو."

اهڙيءَ ڪنهن مناسب مهل نجاشيءَ اهو سپڪ ۽ سنجيدو سريلو ۽ سوز پريو ڪلام ٻڌو جو تن من وڃي ان ۾ ڪتس.اصل اتس مست ٿي پيو.اول تہ جعفر  کي بہ ٻين سنئين رخصت ڏني هئا.ين تہ "بس هاڻ هليو وڃ" پر هن ڏني پٺ ۽ اچي بي آرامي لڳيس تنهن تي وري هن کي گفهرائي.ويهي ساڻس بحث مباحثہ ڪيائين.هن کان سندس دين جا عقيدا پڇي پنهنجن سان پيٺي ڏنائين.آخر جعفر  کي ايترو بهچيائين"لاچار آهيان سرڪاري سبب اهڙا تي پيا آهن نہ تہ آءٌ خود عربستان ۾ هلي شاهہ عرب جي خدمت ۾چاڪر ٿي بيهان."

اگرتا جور سبرا افراختي
ڪمربند اوچا ڪري ساختي

هتي ابيسينا ۾ هي يار مسلمان تہ سر لڪايو وينا هوا پر هتي سندن مرشد محمد ﷺ صاحب چڙو ئي چڙو قريشن کي جو وعظ پيي ڪيو.سو هنن ڏاڍو ڪٽي دق ڪيس.حضرت ڪائڻ وهندو هو تہ ڪائڻ ۾ وني ڪن چن اڇلائيندا هئس مگر هو عاشق الله جو ڪي جهجيو ڪي وجهليو ڪي ٻاڏايائين ڪي ٻاڪا ريائين.

جا جوڙيئي سا واه واه مني ڪري مون پوڳڻي
منهنجي ننگ منا ڏٽي اصلون توتي آه
ٻي واٽ نہ ڪا اٿم واه توئين پهو پيچرو
بس سپ مني ڪري پئي پوڳيائين
سور جن ڪي سريو سري تن صحت
مني مصيبت آهي عاشقن کي

محمد صاحب ﷺ "مڙڻ موتڻ مهٺو" ڪري ٿي سمجهيو ۽ پنهنجي ڪم کي لڳو رهيو نتيجو اهو ٿيو جو سگهوئي چاچهنس حمزه ۽ نامور عمر اتس ايمان آندو.

## عمر رضہ ڪيئن مسلمان ٿيو

عمر تہ پيش ڏاڍي مزي سان پيو چون تا تہ جڏهن قريشي محمد صاحب ﷺ کي ايذائي ايذائي پاٽئي بر تي پيرا ۽ هي هٽيو ئي ڪين تڏهن سندن هڪ وڏيري جنهن کي اسلام وارا ابوجهل ڪري تا ڪوٺين تنهن ڪين هڪ هنڌ ڪنو ڪري ويهي شرمائين ۽ شوراين چي"تنهنڪان پاٽ ۾ پاٽي پاٽي نٽا ٻڏي مرو؟" اوهان جي دين جي هيتري پيئي هاسي ٿئي.اوهانجن بزرگن جي نسبت ۾ بہ الاجي چا چا پيو چوڻ ۾ اچي.اوهين ماٺ ڪيو وينا ٻڌو ڏنا ڪي آهيو ڪو نڪ ناس اٿو ڪين نہ؟ اٿر ئي نٽو ٿئيو هو! هو! هڪڙي جٽي يڪي سر ساريءَ قوم ۾ ڏڦيڙ وجهي ڏنو آهي اوهان اکيون ڪنيو وينا نهاريو.منهنجو تہ هيئنر رت ٿو ٽهڪي وڏيڪ ترسي نٽو سگهان آءٌ ڪليءَ ڪير ۾ اقرار ٿو ڪريان تہ جيڪو ئي محب قوم محمد کي ماري(نعوذبالله) موت رسائيندو

تنهن کي آءٌ هڪ سو مهري اٺ نهايت جنس جا انعام ڪندس" تنهن تي عمر اٿي کڙو ٿيو عمر قريشين جو هاڪارو ۽ نامور سورمون هو.ابوجهل کي چيائين ڏسين متان پوءِ ڦري وڃين قول ڪر مڙساڻو محمد ﷺ کي آءٌ ٿو وڃي پورو ڪري اچان"ابو جهل امالڪ وٺي آيس ڪعبہ اندر ۽ اتي هبل جي اڳيان بيهي اقرار ڪيائين تہ"زبان جي ڏني اٿم سا اوس پاريندس گسندس ڪين." عمر بہ انجام ڏنو تہ آءٌ بہ جيسيتائين محمد ﷺ کي ماري(نعوذبالله) مات نہ ڪندس تيسيتائين واري ترار مياڻ ۾ نہ وجهندس."

حضرت محمد ﷺ تن ڏينهن ارقم وٽ گهاريندو هو.مڪان چڱو پوشيدو ۽ پاسيرو هو.مومن سڀ اچي اتي ڪٺا ٿيندا هوا ۽ اتي ويچارا عبادت بہ ڪندا هوا ۽ بچاءَ جا گهاٽ بہ پيا گهڙيندا هوا.انهيءَ ڏينهن بہ سڀ اچي اتي ڳاهت ٿيا هوا پر سين جا ساهہ منين ۾ هوا ڪڙڪ پئجي وئي هئن تہ اڄ عمر اچڻو آهي عمر تکي تلوار هٿ ۾ ڪري رکيو رخ ان مڪان ڏانهن واٽ پنڌ ۾ نعيم بن عبدالله سندس سنگتي گڏجي ويس تنهنپڇيس"ڙي يار ! ڪهڙي شڪار تي هليو آهين؟هيتري تڪڙ!" تنهن کي جواب ۾ ساري ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس هن واري خارن ڏيارڻ لاءِ وٺي چيس"واه ڙي واه تون هليو آهين محمد ﷺ کي مارڻ پر اهو ڪو سماءُ اٿيئي تہ خود ڀيڻي ۽ ڀيڻيويهن مسلمان ٿيا آهن؟انصاف تہ ائين ٿو گهري تہ اول انهن کي قتل ڪر گهر ٻڌو ئي نہ آهي وڃ ڪري ڀين سان ٿو لڙجي."

عمر کي ساري بدن ۾ اچي باهہ ٻڙڪي لڳي.انهيئي آيو ڀيڻ جي جاءِ تي دروازو ڏنو پيو هو اندر ڀيڻس ۽ ڀيڻويس کي خباب قرآن پڙهي ويٺي ٻڌايو.عمر دروزو کڙڪايو تہ ڀيڻويس خباب کي تہ امالڪ ڪٿي ڪنڊ پاسيرو لڪايو ۽ ڀيڻس اٿي اچا در لاٿس تہ ڀيڻ ڀيڻويئي کي اچي لڳو .ماريماري اڌ مئو ڪري ڇڏيائين.

ڀيڻس تنهن تي پڇيس"ادا خير تہ آهي چو اسان تي ڪٺي ڪوس چاڙهيو اٿيئي؟" چي "ڪمبختو دين محمدي چو اختيار ڪيو اٿو؟" تڏهن هن چيس"ادا ڪو پنهنجو هوش بہ تہ ڏار ڪا ساجهہ بہ تہ سڪ تون ڀائين ٿو تہ اسان جي ڪل ٿڙڪي آهي جو بنا ويچار وڃي مسلمان ٿياآهيون اسان توکي هڪڙي ڪتاب مان ڪجهہ پڙهي ٿا ٻڌايون.پوءِ تنهنجي دل کي ڀڄي تہ تون پاڻ اسان وانگر ئي دين اسلام ڪٿي اختيار ڪج نہ تہ وس وارو آهين ڪيئن؟ آهي قبول؟"
عمر چيس "چڱو ڀلا ڏسان ڇا ٿا ٻڌايوم،"

عمر اڱڻ ۾ ئي بيٺو هو پيٽس ويٺي سا اندران خباب کي وٺي آئي ۽ ان کي چيائين تہ "پائو منهنجي ادي کي بہ تہ قران شريف پڙهي ٻڌاءِ" خزباب وٺي للڪار سان سوره طہ پڙهي چي: الله سڀاجهي مهربان جي نانو(جي برڪت) سان ( جنهن جي توهجي ڪا ڪا حد ناهي)اسان توتي قرآن انهيءَ لاءِ نازل ڪيو تہ تون (ان جي ڪري ايتري) تڪليف ڏسين(هي تہ) رڳو جيڪو خدا کان ڊڄي ٿو تنهن لاءِ نصيحت آهي.(هي) ان(خدا) جو نازل ڪيل آهي جنهن زمين ۽ اونچا (اونچا) آسمان اپايا آهن (ان جو هڪ نالو آهي) رحمان(يعني سڀاجهو) (جنهن) عرش(مٿاهين) تي جلوو فرمايو آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي پاتال هيٺ آهي سو سڀ سندس (مِلڪ) آهي ۽ (اي ٻڌندڙو) جيڪڏهن تون ڳالهہ ڏاڍيان ڪرين تہ هو (تنهنجي) ڏاڍيان چوڻ جو محتاج ناهي چو تهھو هوريان ۽(هوريان کان) ڏاڍي ڳجهي(ڳالهہ بہ) ڄاڻندڙ آهي(اهو ئي) الله (آهي جو) ان ڏاران (ٻيو ڪو) معبود ناهي ان جا نالا چڱا آهن."

عمر وس وڏا تي هلايا تہ هن ڪلام جو اثر مونتي نہ ٿئي پر تير ڪمان مان ڇٽي ويو ۽ ڪان ڪڙڪڙ ڪري دل جي اڃام ۾ پکن سر وجي بيٺو عمر بيخود ٿي پيو ۽ بي اختيار واتون نڪري ويس تہ هي تہ "انساني ڪلام نہ آهي هيءَ ڪا شيءِ ئي اور آهي بس مونکي بہ حضرت محمد ﷺ جي حضور ۾ وٺي هلو."

خباب امالڪ ارقم جي گهر وٺي آيس.هتي بہ دروازو ڏنو پيو هو.عمر دروازو کڙڪايو ۽ مسلمانن ۾ اچي ڦڙڦوٽ پيئي.پر حضرت محمد ﷺ پاڻ اٿي در لاٿس.عمر اندر پير پاتوئي ڪين تہ چيائينس"ادا خبر ڪر اجا ڪيسيتائين اسان جو دشمن رهندو ايندين؟" عمر جواب ڪهڙو ڏئي؟ سڳهہ سندس سموري ويندي رهي.منهن نماڻو نيڻ نير پريل ،پانيائين حضرت جي پيرن تي ڪري پوان. پر حضرت ڳرائنڙي پائي ڪٽي چاتيءَ سان لڳايس ۽ نراڙ تي اهريون منيون ڏنانس جيئن تہ ڪو سڳو پاءُ هجيس ۽ ورهين جي وڇوڙي پڄاڻا ساڻس مليو هجي.

مسلمانن ۾ هي خبر بجليءَ وانگر وٽڙي ويئي ۽ مئن ڏڙن ۾ جنسي نئين سرورساهہ پئجي ويا.

## ٻہ ڪاپاري ڏک

حمزه ۽ عمر مسلمان ٿيا اھا ڳالھ تہ ڏاڍي خاصي مسلمانن تہ ائين ڳھريو ٿي مگر افسوس ! ساڳئي سال حضرت محمد ﷺ کي ٻہ ڏک ڪاپاري لڳا.ابو طالب چاچس ۽ بي بي خديجہ گھر واريس ٻنھي وفات ڪئي.ھينئر نہ اھڙو ڪو سندس حامي ئي رھيو جوڪيس قريشين جي قھر کان پناھ ڏئي،نہ وري اھڙو ڪو سندس دلبر ئي رھيو جنھن کي دل جا سور
سلي پر چا؟ ڪانئر ٿي پيو؟نہ اٿلو ئي ثابت يقينو سائينءَ سڳوري ۾ وڌيس.

**پچارا واڍوڙ سدا شاڪر سور سين**
**تاڻين مٿي توڙ اوري ڪن نہ آسرو**

سمجھايائين ٿي:

**پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي**
**ڪانھي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري**

فرض پنھنجو وساري تہ ڇڏيائين پاڻ جنبي لڳس بعضي بعضي جڏھن قريشي ڏاڍو ڪک ڪندا ھئس،تڏھن سو اندر مان آه نڪري ويندي ھيس ۽ ابو طالب ۽ بي بي خديجہ کي سنياري روئي ڏيندو ھو.

مسلمانن جي ڪتابن ۾ آيو آھي تہ حضرت محمد ﷺ اھينئي بہ ڪڏھين ڪڏھين بي بي خديجہ کي ياد ڪيو،شيڪارا پيو پريندو ھو.بي بي عائشہ جنھن سان پوءِ سندس شادي ٿي ،تنھن ھڪ ڏينھن پڇيس"اي رسول الله جا چا خديجہ ڪراڙي نہ ھئي؟ان جي بدلي ۾ الله تعاليٰ اوھان کي ان کان بھتر عورت نہ ڏني آھي؟حضرت محمد ﷺ تڏو ساھ ڪٺي چچيس"برابر پر انبن جون سِڪون بہ ڪي انبڙين مان لھن خديجہ ڪراڙي بيشڪ ھئي مگر ڏس آءٌ جڏھين غريب ھوس تڏھين مون سان نڪاح وجھي مونکي تونگر بنايائين .جڏھين ڪنھن مون تي ايمان نہ ٿي آندو ۽ اٿلو ڪوڙو ڪوڙو ڪري پي ڪوٺيو،تڏھين مون کي سچو ڄاڻي مونکي پيغمبر ڪري مڃيائين.جڏھين ڪل عرب لوڪ مونکان منھن ڦيري بيٺا تڏھين مونکي تسلي ڏيئي منھنجي مدد ڪيائين! پوءِ ٻڌاءِ ان جو آءٌ ارمان نہ ڪان."

”باغ ۾ پانت پانت جي گل ٽڙيا بيٺا آهن پر بلبل جو نينهن؟ گلاب سان وچوڙي ۾ ان جا ٻيا گل ڏسي پيئي دل کي آٿت ڏيندي،پر گلاب کو وسري ويندس؟“

## طايف وارن وٽان تڙي

محمد صاحب ﷺ ڏنو قريشي ماديءَ مهڙا آهن نٽا مڙن ۽ مونکي ٻہ پائي کنيو اٿن پلا هاٽي طايف ۾ وجي اتي وارن کي وعظ ٿو کريان.زيد کي ساڻ وٺي اتي ويو سهي پر هو ٻہ اڳيئي چڙيا ويٺا هئس چنبوٽن جو وٺي مٿانس مينهن وساياٺون ۽ ننڍڙن نينگرن کي چيائون تہ ”کريوس ايهو ايهو“ شهر ۾ بيهڻ بہ کونہ ڏنائونس بس هيءُ حضرت پويان پير کري شهرچڏي ٻاهر هليو آيو بدن سارو ڦتجي پيو هوس ۽ رت نيندي پئي وهيس سو کجور هيٺان ٿي ويٺو ۽ ويهي رت اگهيائين پوءِ اکين ۾ آب آڻي داور جي درگاهہ ۾ نهايت عاجزيءَ سان ارديسياءُ تہ“ اي خداوند آءٌ پنهنجي اپرائيءَ ۽ اپلائي ،اداسائي ۽ ادور رائي جو حال ٿو ڏاران ٻئي کنهن سان اوريان؟ صبر جي سگهہ مون ۾ باقي کا ائين جئين وجي رهي آهي حيلا وسيلا بہ تہ سپ هلائي چکو آهيان.کا رٿ کارگر نٿي ٿئي اٿلو ڳوڻاين ۾ ڏنو ٿي پيو آهيان هي جڳ جا والي هي سڀاجها ستار اڏرن تڏرن ۽ اپرن اسونهن جي اوٽ ۽ آڌار رحم کر رحم کر.هن اوکيءَ ويل اچي اوٽ ستاني ٿيءُ

**هن ويلي هن وار هن ساعت سپرين**

**دليون دلاسو مون ڏي دل گهريا دلدار**

**پريم پيڙا پار اکارين احسان سين**

*

**تو ۾ اميد ايڏي آهہ اڏين جي**

**سپرين سفيد پلي کر پلا پرين**

# مطعم جي مرمت

مڪي وارن ڪي سماءُ رسي ويو تہ طايف وارن محمد ﷺ سان هيءَ جٺ ڪئي آهي ۽ پنهنجي شهر ۾ پير نہ پائڻ ڏنو اٿنس.سو پاڻ ۾ نهراءُ ڪيائون تہ موٽي مڪي اچي سهي تہ اسان بہ ڪار ساڳي تا ڪريونس.محمد صاحب ﷺ کي چو نہ ان جي ڪڙڪ پئجي وجي.تنهن پير جهليو ۽ پنهنجي گهرن سجاٽپ وارن ڳوناين کي چوائي مڪائين تہ"اوهان اسلام اختيار ڪريو نہ ڪريو.مرضيءَ جا مالڪ آهيو.مونکي رڳو پاڻ وٽ اجهو ڏيو ۽ ٻي اها اجازت مليم جو ڪلام الاهي آدمين کي پڙهي پيو ٻڌايان"هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اسان کي گتي کهڙي پيئي آهي جو هن لاءِ وينا ڳوناين جو رنج مٿي تيڪٽون ۽ چوائي ٽي مڪائونس تہ"اسان مان ڪوبہ پاڻ وٽ پناهہ نہ ڏيندو مرضي آهي تنهنجي"پر اتي مطعم بن عدي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڳوناين کي شرمائي چيائين "چا؟" اسان جو ملڪ جنهن جي هنڌين ماڳين هاڪ آهي تہ سندس رهاڪو بلڪل مهمانواز آهن تن جي منهن تي اها ڳالهہ پئي ٿي جو پنهنجي هڪڙي خانداني‌ءَ ڳونائي سان اهڙا بي درد ٿين جوڪيس سندس گهر ۾ رهڻ نہ ڏين؟" مطعم پوءِ اٺ تي سوار ٿي شهر جي دن ۾ بيهي وٺي وڏي آواز چيو تہ "ٻڌو اي قوم قريش جا لوڪو ! محمد ﷺ کي اڄ کان وٺي آءٌ تو پنهنجي پناهہ ۾ وٺان خبردار ڪنهن هن جي وار کي هٿ لاتو آهي هن جو دشمن سو منهنجو دشمن آهي."

ماڻهو وائڙا ٿي ويا جڻ هتن مان ڪي ڪري پين پڇائونس "اڙي متان تون بہ هن جو دين پائي ٿيو آهين؟جواب ڏنائين "نہ نہ اهو ارمان اوهان نہ ڪريو اها بي ادبي آءٌ ڪريان تہ پوءِ بيشڪ گنهگار آهيان."

مطعم ۽ سندس گهر جا ياتي تہ پوءِ وجي حضرت محمد ﷺ کي اندر شهر ۾ وٺي آيا حضرت محمد ﷺ اتي مرضي ڏيڪاري تہ "هيڪر وجي هوند ڪعبي کي ڦيرا ڏيئي اچان"مطعم چيس "بيشڪ" ۽ امالڪ آٽي اتي پهچاپائينس ۽ جا مهل حضرت محمد ﷺ ڦيرا پي ڏنا سا سپ اتس اک رکيو بيٺو هو تہ ڪو قريشي ستائيس تہ نہ ٿو.

ڦيرا ڏيئي موٽي گهر هليو ويو اتي منهن ڏيکاري وري وعظ تي نڪتو.ان ڏينهن مطعم جي شهر ۾ ڏاڍي گلا ٿي پيئي ۽ ماڻهن سندس نسبت

الاجي چا چا پي چيو محمد صاحب ﷺ کي ڳالھ تہ وٺي.تنهن بي ڏينهن باھر اچي ڪليءَ بازار ۾ بلند آواز هوڪو ڏنو تہ"پائرو آءٌ مطعم جي پناھ ۾ نہ آهيان منهنجو اجهو اهو الله آهي منهنجي ڪري ڪوبہ اوهان مان مطعم کي نہ ستائي."

قريشين تہ ائين گهريو ٿي هنن جي تہ هيڪاري ڪڙيہ پڳي پر رنگيءَ جا رنگ نرالا آهن ڪنهن هن جيءُ ڄجهہ ۾ هٿ نہ پاتو آهي الاجي ڪيئن ٿو پنهنجا ڪارج ڪري.

طفيل

هڪ ڏهاڙي طفيل بن عمر دوس وارن جو وڏيرن ڪنهن ستاڻي سانگ مکي ۾ ٿي آيو ان جي استقبال لاءِ سپ وڏيرا مکي جا وڃي شهر کان ٻاهر ٿي بينا رئيس آيو تہ ڏاڍي شان ۽ مان ،نٺ ۽ دٻدٻي سان کيس اندر شهر ۾ وٺي ويا.خير هڪ ٻئي کان حال احوال پي ورتائون ۽ خبرون چارون پي پڇيائون تہ قريشين وٺي محمد ﷺ جي دين جو ساٽس ذڪر چوريو پر اپ اهڙا ڪٽي ڦاڙيائون جو سڪندر کي بہ شهہ ڏيئي ويا چي"هن بي دين پنهنجو دين جاري ڪري اسان جي دين کي لوڙهي ڇڏيو آهي قوم اسانجيءَ ۾ ڏڦير وجهي ڏنو اٿس ڪو بہ ٿو سندسن ڪلام ٻڌي تہ اٿس چريو ٿيو ٿو پوي.اهڙو ڪو زبان ۾ جادو اٿس جو سيني کي چلي ٿو وجهي بس ڏوريءَ ۾ ٻڌيو ٿو ڇڏين مٺ مائٽ ابو امان سپ پوءِ ڪين وسريو وڃن ڪنهن جي سمجهاڻي سمجهن ئي نہ کهڙي ڳالھ ڪريون؟مائٽن کان سندن ٻار وڇوڙي ڇڏيا اٿس عزيزن جي وچ ۾ عداوت آڻي وڌي اٿس"مطلب تہ مرچ مصالہ ڳڏي ڪوڙ بدوڙ ڳنڍي اهڙا ڪري رئيس جا ڪن پريائون جو هن جي دل ۾ محمد صاحب ﷺ ڏانهن ايتري قدر اچي ڌڪار پئدا جو چيائون تہ "محمد ﷺ جو منهن ئي نہ ڏسڻو آهي؟" ۽ ٻيو چا ڪيائون تہ پاڻ وٽ ڪپھ رکي ڇڏيائون جي متانلنگهندي پائيندي سندس آوازاچي ڪنن تي پويم تہ هيءُ ڪپھ ڪٽي ڪنن ۾ ڻنبيندس ماڳهين سندس ڪلام ئي نہ ٻڌندس تہ سندس جادو بہ مونتي ڪونہ پڙندو."

ڪنهن ڏهاڙي اتفاق اهڙو ٿيو جو حضرت محمد ﷺ ڪٽي بلند آواز نماز پي پڙهي تہ هيءُ طفيل بہ اچي اتان لانگهائو ٿيو ڪوشش وڏيائي ڪيائين تہ ڪپھ سان ڪن ٻوٽيان پر بہ چار تڪون نماز جون وڃي ڪنن تي پيس ۽ دل

وس ڪان ٻي وس ٿي پيس ڇا ڪري لاچار اڳيرو وڌي ماٿ ڪري ٻيھي نماز پڙھائين.

حضرت محمد ﷺ گھر پھتو تہ ھيءُ بہ وجي پنس دروازو لھرائي اندر گھڙي سر ڪري سندس قدمن ۾ رکيائين ۽ چيائينس "حضرت آءٌ اوھان جي غلامن جو غلام آھيان مون تي مھر جي نظر ڌريو"

ڏار ئين ملڪ جي ھڪ نامور ۽ نامياري قوم جو نھايت معزز سرادر ھئن اڇي ھڪڙي فقيرتن ۽ غريب عرب وٽ سر جھڪائي ڇا؟ھيءُ عشق جي عمل جي ثابتي نہ آھي؟"

طفيل مسلمان ٿيو تہ مسلمانن سمجھيو تہ اسان وڏي ڪا سوڀ ڪئي آھي.طفيل ڏاريي ملڪ جو وڏيرو ھو ھينئر اميد ٿي تہ ھو پنھنجي ڳوٺ وجي دين اسلام ڦھلائيندو .سچ پچ ٿيو بہ ائين پر طفيل ڏني پٺ ۽ قريشي ھيڪاري اچي ٽڙيا ڪير جو جھلين ڪرين؟مسلمانن کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندا ھوا سندن مال متاع ڦري ڪين خانہ بدوش ڪري ڇڏيندا ھوا.محمد ﷺ سان اھا گھڙي انت ھوندي ھئي.نہ ٻاھر شھر ۾ عزت ،نہ اندر گھر ۾ فرحت البت ڏيٽس فاطمہ دل وندي ھيس پر ھوءَ ويچاري وري بہ ٻار ھئي بعضي بعضي ڏانھنس نھاري نھاري پاڻ روئي ڏيندي ھئي.دل اچي ڇجندي ھيس ڪيس بہ پوءِ بي اختيار اکين ۾ پاڻي ڦري ايندو ھو خير تڏھين بہ ثابت يقينو پنھنجي سرجڻھار ۾ رکندو آيو.

## بيبي عائشہ سان مڱڻو

ھن وقت ڪو سندس خاص پائي ھو تہ ھو ابوبڪر ھنچڳي مڙس کي حضرت جي اڪيلائيءَ جو ڏاڍو الڪو ھوندو ھو.تنھن ارادو ڪيو تہ پنھنجي نياڻيءَ عائشہ کي ڪٽي ٿو ساٽس پرٽايان عائشہ سونھن جي کاڻ ھئي ۽ عمر جي ٻھچوتي ھئي.محمد صاحب ﷺ سان ابوبڪر ڳالھ چوري تہ محمد صاحب ﷺ ڪٽي مائٽي قبولي ۽ مڱڻو بہ ٿيو.

## بيبي سوده سان نڪاح

پر مٿان ٻيو اچي ڪارڻ ٻڻيو .مڪي ۾ هڪ عورت سوده نالي رهندي هئي.پاڻ ته دين اسلام اختيار ڪيو هوائين.پر گهوٽ ڪي به ان جي عقيدن جو قائل ڪري ويچاري قريشن جي قهر کان ڪنبي.گهوٽ سوڏي وجي حبش ملڪ ۾ پڪو اڏي ويني هئي.گهوٽ ڪنوار ٻئي ڪراڙا هوا گهوٽ ڪيو وصال ته پنيان ڪراڙي سا ڏتڙجي ويئي.پر ڪنهن ڪي اتس ڪهل آئي.سو واري وطن وني آيس هيءَ لنگهي آئي محمد صاحب ﷺ وٽ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي وينتي ڪيائينس“حضرتا ! آءٌ اوهان جي سام ۾ اچي پيئي آهيان بس مونسان نڪاح وجهو مونکي ڪا ٻي لالچ ڪانهي آءٌ ڪراڙي آهيان مگر دل اٿم ته اوهانجي حرم ۾ داخل ٿيان اهو شرف مليم.“
حضرت محمد ﷺ ڏنو ته هن جي لت ڳري ٿي.اڳين نبين جي فرمودي موجب انڪار به ته نه ڪبو.“ نيٺ هن سان ڪٽي نڪاح وڌائين.

## مديني وارا مريد ڪيئن ٿيا

هڪ لڳا حضرت محمد ﷺ حاجين ۽ واپارين کي پئي ٿي وعظ ڪيو ته ڪي منجهائن مديني وارا سندس سريلو ۽ سنجيدو ڪلام ٻڌي اچي امالڪ سندس مريد ٿيا.ٻئي سال وري ڳچ جيترا ٻيا به ڳوڻائي ساڻ وني زيارت تي آيا،جن پڻ محمد صاحب ﷺ کان ارشاد وني ڪلي دين اسلام اختيار ڪيو پوءِ ته مديني جي ماڻهو ويا هڪ ٻئي پنيان مسلمان ٿيندا.

## معراج

معراج شريف جو واقعو به ان ئي زماني ۾ ٿيو.وياسهه وارن مسلمانن جو ته پڪو ويساهه آهي.ته حضرت محمد صاحب ﷺ هن جسم خاڪيءَ ۾ براق تي سوار ٿي،وجي ساري آڪاس جو سير ڪيو.
آڳي آسمان جو توڪي ڪرايو سير ستار

اتي ڏٽي تعاليٰ سان سندس گفتگو هلي ۽ قاعدا قانون جن تي پڪيءَ ريت اچي پوءِ اسلام جي پيڙهه ٻڌائين سي وڻانس وٺي آيو.ڪي معتزلي ۽ نئين روشني وارا جن کي مغربي تعليم جو ”سٽائو واءُ“ لڳو آهي پر ان سان شامل مذهب ڏانهن اجا مائل آهن،سي ٿا چون تہ هي قصو سارو روحاني آهي يعني حضرت محمد ﷺ جيڪي ڏٺو پسيو سو سڀ اندر جي اکين سان.اسان جنسي قرآن شريف مان آيتون ڏيون ٿا سمجهه سياڻپ سائينءَ سڀني سڳوري سڀ کي بخشي ڏني آهي پنهنجو عقل هلائي انومان ڪڍن.

سبحان الذي اسريٰ بعبده ليلا من المسجد الحرام الي المسجد الاقصيٰ الذي بارڪنا حولہ لنريہ من آياتنا انہ هو السميع البصير.

ترجمو : پاڪ ذات آهي هو جنهن رات جو پهچايو پنهنجي بندي کي حرم ڪعبہ کان بيت المقدس ڏي جنهن جي هر طرف برڪت الاهي پيئي وسي انهيءَ لاءِ تہ آءٌ کيس ڏيکاريان ڪجهه پنهنجي قدرت جا نمونا اهو ئي ٻڌي اهو ئي ڏسي.

وما جعلنا الوءِ يا انتي ارينڪہ الا فتنہ للناس

ترجمو: ۽ جا رويا مون تو کي ڏيکاري اها تہ رڳو لوڪن جي سمجهه جي امتحان لاءِ هئي.

## مديني وارن جا مجادا

سن 622ع ۾ مدينہ جا هڪڙا 57 مسلمان هڪڙو وڏو قافلو ساڻ ڪري مڪي ۾ اچي سهڙيا ان وقت ينبي اونداهه لڳي پيئي هئي.پهچندي شرط محمد صاحب ﷺ جو اچي سلام پريائون.

سندن ساٿي مسلمان ٿي رهيا تہ پوءِ حضرت محمد ﷺ کي وينتي ڪيائون تہ“حضرتا ! اوهان مديني هليا هلو اسان هيءِ قافلو ان لاءِ ئي سنيرائي آيا آهيون“حضرت محمد ﷺ چين آءٌ اوڏانهن هلندس سهين پر اوهان مفت تڪليفن هيٺ ايندو.اوهان جا ڳوٺائي هرويرو اوهان کي ستائي ڏيندا.“ هنن جواب ڏنس تہ“حضرتا ! اوهان ان جو الڪو ئي نہ ڪريو.مدينہ ۾ اٿلو اوهان جو آدرستار ٿيندو ۽ دين اسلام ترقي پائيندو“حضرت محمد ﷺ نيٺ آنهن ڪئي.پوءِ تہ ڪنائنس اصل هي قول ورتائون تہ خدا ڪري جي مدينہ ۾ اوهان سوپارا ٿيو تہ باروهي مديني ۾ ئي گذارجو.

چو نہ قريشي لڪو وينو هو سمورو قصو ٻڌي ڏنائين شڪار تو هٿن مان هليو وڃي.امالڪ اچي ڳوٺاين کي خبر ڪيائين سي ڊوڙي آيا مهمانسراءِ ۾ پانيائون جو مديني وارن جي سيج پڇايون ۽ چنچري لاهيون.پر مديني وارا تيتري ۾ پسار ٿي ويا هنن گهٽيائي ڦولهه وڌي پتو ئي ڪون پين جهڙو ٻوٽ تهڙي چماٽ موٽي هليا ويا.

حضرت محمد ﷺ مدينہ وارن سان ان وقت ئي ڪونہ ويو چيائين "اوهان وڃو آءٌ ڏينهن پهر ۾ اچي منهن ڪيندس."

هاڻي مديني وارن جي ڏڍ تي حضرت محمد ﷺ امتين کي صلاح ڏني تہ لڏي مديني هليا وڃو پوءِ هڪ هڪ ٻہ ٻہ ٿي ڪن ٿورڙن ڏينهن ۾ سئو ڇٽا باقبائل وطن جا وڻ ڇڏي پرديس ويندا رهيا ۽ اڌ مڪي جو خالي ٿي پيو. مٿي مڪي ۾ مسلمانن مان ٻارن سميت وڃي بچيا ئي ٽي ڇٽا پاڻ حضرت محمد ﷺ سوٽس علي ۽ سهرس ابوبڪر

## قريشين جي ڪاوڙ

قريشين کي هي ڳالهہ نہ وڻي جاتائون تہ هيءَ لڏ پلاڻ هن محمد ﷺ جي چوڻ تي ٿي آهي سو شهر ۾ اشتهار ڦيرايائون تہ سڀ ننڍا وڏا دارالندوه ۾ اچي ڪٺا ٿين تہ ويچار ڪريون تہ محمد ﷺ کي سيکت ڪهڙي ڏيون. يڪدم ڪٺڪ ماڻهن جو اچي ان جاءِ تي حاضر ٿيو پوءِ ڏس تہ ڪو پيو چوي تہ"محمد ﷺ کي پڪڙي ٻارهوئي لاءِ ڪٺي قيد ۾ وجهجي تہ ڇٽي پئجي" ڪو ٻيو چوي تہ "تنهن کان شهر نيڪالي چو نہ ڏيئي ڇڏجيس" ڪو ٻيو چوي "بهتر تہ ائين آهي جو نڙيءَ تي ننهن ڏيئي نگهوسار ڪري ڇڏجيس(نعوذ بالله) تہ نہ ڪا هئي هئي نڪا ڪئي ڪئي ڇٽي پئجي"

اها صلاح سيني کي آئڙي آئي پر وري خيال ٿين تہ جي ڪو هڪڙو هن کي وڃي تو قتل ڪري تہ شايد هن جي خاندان وارا قاتل جي خاندان وارن کان پلئو بہ ڪٽي ڇڪين ڳالهہ ڳوري ٿي.

اتي ابو جهل تجويز ٻڌاين چي "منجهي چو پيا آهيو.جا ڪريو جو ڳچ جيترا آدمي گڏجي وڃن ۽ يڪساهيءَ هن جي ڇاتيءَ ۾ وڃي خنجر مارين(نعوذ بالله) پوءِ تہ ڪنهن خاص شخص تي الزام ايندو ئي ڪونہ هن جي خاندان وارا سيني کان پلئہ بہ ڪين ڇڪيندا؟"

ان صلاح پٺاندر ڪيترا قريشي رات جو محمد صاحب ﷺ جي گهر اڳيان چپ ماري وڃي ويهي رهيا جي نڪري ٻاهر ته ڪريونس سسي ڌڙ کان ڌار پر راکي رب ته ماري ڪون؟حضرت محمد ﷺ کي اڃي ڪنهن ان جو چتاءُ ڪيو.تنهن تي حضرت علي امالڪ ڪيس پنئين دروازي کان اماڻي چيس "اوهان ته هليا وڃو مدينه آءٌ آهيان پاڻيهي پيو پنيان ڳن ڏيندو سان"

حضرت علي پوءِ لت ماري پاڻ حضرت محمد ﷺ جي هنڌ تي ليٽي پيو.قريشي هر هر چيرن مان ليا پيا پائين پر ڏسن ته اجان ستو پيو آهي مٿان اچي پرھ ڦٽي صفا صبوح ٿيو تڏهن سماءُ پين جو محمد ﷺ ته آهيئي ڪونه هنڌ تي علي ستو پيو آهي.خار لڳي وين.

ڦيرايائون ٻيو اشتهار ته جيڪو ئي محمد ﷺ کي ماري (نعوذ بالله) سندس سسي ڪپي اسان کي آڻي ڏيندو تنهن کي سئو اٺ انعام ڏنا ويندا انعام جي لالچ تي کي جوان سنيري نڪتا.

حضرت محمد ﷺ ابوبڪر رضہ کي ساڻ ڪري ٻه راتيون سٽيندو اچي ڪنهن غار ۾ پناھ ورتي هئي چو ته هو رهزن ٻه اچي هن غار وٽ پهچن.ابوبڪر صحيح ڪيو ته هي آيا اسانجي پنيان آهن محمد صاحب ﷺ کي چيائين " هاڻ ته جاڻ جهلياسين اسان ٻه ڄڻا نڪو اسان جو اوهي نڪو واهي هن برپٽ ۾ چا ڪري چا ڪنداسين؟"

محمد صاحب ﷺ جو ڪتابن ۾ آيو آهي ته محمد صاحب ۽ ابوبڪر غار ۾ اندر گهڙيا ۽ مٿان اوڏيءَ مهل ئي قدرت الاهي ڪوريئڙي هڪڙي پنهنجي ڄار جي تاندوڙن سان غار جو منهن مڙهي ڇڏيو. اها ڄار ڏسي قريشين سمجهيو ته "ويجهڙائي ۾ اندر ڪو آدمي ته ويوئي نه آهي سو اندر گهڙي ڪبو چا؟ نهيو نهيو هلو ته موٽي هلون ڳوٺ"

محمد صاحب ﷺ ۽ ابوبڪر رضہ چوٿين ڏينهن ان غار مان ٻاهر نڪتا پوءِ هٽي ڏٽي جيئن تيئن ٻه اٺ هٿ ڪري سڌا مديني روانا ٿيا مديني جي چڪ ۾ قبا ڳوٺ آهي اتي پهتا ته علي ع ٻه اچي گڏين.

مدينه جي ماڻهن کي جا سڌ پيئي ته اسان جو مرشد ٿو اچي سي خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن ڳچ جيترا ته سندس استقبال لاءِ وڃي قبا ۾ آيا ۽ ڏاڍي شان مان سان وٺي مدينه ۾ آيس

**سيئي سهاڳڻيون سيني منهن جڙاءِ**
**سڀ ڪنهن پائيون پاڻ کي ته ايندئيون مون گهر راه**

بيٺو تنهن دراه جي پسي پاڻ لڄائيون

.

اتي ڏس تہ چوگرد سندس مڙسن جا هشام مڙيا عورتون ۽ نينگر وري ڪڏن تي ٿي بينا ۽ تان پئي سندس ديدار ڪيائون. حضرت محمد ﷺ اٺ تي سوار هو. هر ڪنهن منٿ پئي ڪيس تہ"حضرتا هن بندي جي دعوت قبول پوي هلو اتي" پاڻ اٺ جي مهار ڪري ڇڏيائون ۽ چيائون "بس جنهن جي گهر اڳيان اٺ ازخود ويهندي ان جي گهر ۾ ئي آءٌ ٽڪندس ڪندس" اٺ هلندي هلندي اچي هڪڙي غريب جي گهر اڳيان ويني ان غريب جو نانءُ ابو ايوب انصاري هو.تنهن امالڪ اٺ تان ٽپڙ ٽاڙيون گاشو بيو لاهي ڪٽي اندر ڪيا ۽ چوڻ لڳو تہ"وڏا ڀاڳ آهن منهنجا جو منهنجي يار منهن جي اڱڻ پابوهي پير پاتا آهن"

لڏي آيل نون مسلمانن مان گهڻن کي اوايل ۾ مديني جي آب و هوا ڀاءُ نہ پيئي محمد صاحب ﷺ جي مديني وارن سيڪا خاطري پئي ڪئي.پر بين سندس ساٿين جي ايتري اون ڪان هوندي هين محمد صاحب ﷺ جي ڏيان تي جڏهن اها ڳالهہ آئي تڏهين مديني جي انصارن کي گهرائي ڪين هڪڙو وعظ ڪيائون. نتيجو اهو ٿيو جو آئينده بين مسلمانن کي بہ هنن ڀائرن وانگر ڪري پي سمجهيو ۽ دل و جان سان سندن خدمت پئي ڪئي.

## مسجد جو ماندڻ

محمد صاحب ﷺ جي هاڻ مرضي ٿي تہ مدينہ ۾ هڪ عبادتگاه اڏائجي پٽ پسند ڪيائون ساڳيو جتي سندس اٺ اچي ويني هئي.اهو پٽ ڪن ٻن چورڙن جو هو. هوسو قبرستان پر تہ بہ مديني وارن ڦوڙي ڪري مالڪن کي پٽ جي قيمت آڇي. چورڙن پئسن وٺڻ ڪان صفا انڪار ڪيو چيائون اسان دعويٰ ڇڏي پٽ تان هٿ ڪنيو پل پيغمبر صاحب اتس عبادتگاه اڏائي. ترت ئي اڏاوت جو ڪم شروع ٿيو. سپيئي مسلمان مزورن وانگر ڪم کي لڳي ويا خود حضرت محمد ﷺ بين سنيون تغاريون پئي ڪنيون. عمارت سادي سودي نهي اوائل ۾ تہ منجهس منبر بہ ڪونہ هو. اهو بہ پوءِ نهيو حضرت محمد ﷺ هميشہ منبر جي ٽئين ڏاڪي تي بيهي.اتان وعظ ڪندو هو.

## خيرات

هڪ ڏينهن خيرات جي باري ۾ چيائون:

جڏهن خدا تعاليٰ ڌرتي ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ لڳي.تنهن کي هڪ جاءِ ڪرڻ لاءِ خدا اتس پهاڙ رکيا اتي فرشتن عرض گذاريو اي جڳ جا والي دنيا ۾ پهاڙن کان مٿي بہ ڪاشيءِ آهي يا نہ؟

خدا لوهہ لوهہ پهاڙن کي ٽڪي ٽو ڇڏي.

فرشتا خدايا لوهہ کان مٿي بہ ڪاشيءِ آهي نہ؟

خدا ، ها ، باهہ باهہ لوهہ کي پگهاري ڇڏي ٿي.

فرشتا باهہ کان مٿي بہ ڪا شيءِ آهي نہ؟

خدا ها پاڻي، پاڻي باهہ کي وسائي ڇڏي ٿو.

فرشتا پلا پاڻيءَ کان مٿي بہ ڪاشيءِ آهي نہ؟

خدا ها، هوا ،هوا لڳي پاڻيءَ کي ٽپا ڏياري ٿي.

فرشتا ۽ هوا کان مٿي بہ ڪاشيءِ آهي نہ؟

خدا ها خيرات پر خيرات اها جا ساڄي هٿ سان ڪجي تہ ڏائي هٿ کي ان جي سڌ نہ پوي.

حضرت محمد ﷺ خيرات ۽ محبت جي وچ ۾ ويچاندر ڏيکاريو ئي ڪونهي.هن جي نظر ۾ بئي هڪبئي جا سلامي آهن چيو اتس چڱو ڪم سيڪو ئي خيرات آهي. انسان ، انسان کي چڱي ڪم لاءِ هدايت ڪري اها خيرات آهي. ڪنهن اکين سڄي يا پليل کي رستو ٻڌائي رستي ۾ پٿر ۽ ڪنڊا پيا هجن سي ڪٽي پاسيرا اڇلائي محتاج کي مدد ڏئي.اڃايل کي پاڻي پياري هي سڀ خيرات جا ڪم آهن.سچي دولت انسان جي آهي همدردي ماڻهوءَ جو دم ڇٽي تہ ٻيا لوڪ پڇن تہ ڏوڪڙ ڪيترا ڇڏيائين؟سمگر فرشتا ڪانئس پڇن تہ نيڪي دنيا ۾ ڪهڙي ڪيئي؟

## عائشہ سان نڪاح

محمد صاحب ﷺ ڏنو تہ هتي مديني ۾ بلڪل سلامت وينا آهيون ۽ دين اسلام بہ زور پيو وٺي هاڻ ڪو پنهنجو بہ تہ گهر ٻار ناهجي. بي بي سوده سان نڪاح برابروڌو هوائين ۽ ان سان صحبت بہ ڪندو هو. پرگهر ٻار جي فرحت ٻي آهي. هيڏانهن ابوبڪررضہ ڪي بہ پنهنجيءَنياٽي جو خيال هو .تنهن ڪي جا پيئي لِک سو چيائينس“حضرت عائشہ سان ڪٽي شادي ڪريو“حضرت محمد ﷺ عائشہ سان مڱيو تہ اڳيئي وينو هو بس ڪٽي هن وقت ساٽس شادي ڪيائين.

## علي عہ ۽ فاطمہ جوپرڻو

ٿوڙي گهٽي ڏينهن جو مڱڻو عليءَ سان ٿيو جڏهين ڪنوار 15 ورهين جي ٿي ۽ گهوٽ 24 ورهين جو ٿيو تڏهين سندن نڪاح پڙهيو ويو.هن شاديءَ تي دهل دما مان خير ڪي وڳا، ڏاج ۾ بہ حضرت محمد ﷺ ڏيءَ ڪي ڏنيون بہ سٽيون هڪ جاندہ بہ مٽيءَ جا دلا ، هڪ مٽيءَ جو لوٽو ۽ هڪ هئڊ.

## حضرت محمد ﷺ جوکاڌو خوراڪ وغيره

هن حضرت ۾ ڏيک ويک نہ هوندو هو.سادو ڪائيندو هو سادو هنڊرائيندو هو.بي بي عائشہ جي وات جي ڳالهہ آهي تہ ”اهڙا بہ وقت هوندا هوا جو مهينو مهينو اسانجي گهر چلهہ ۾ باهہ ڪانہ ٻرندي هئي. حضرت ڪجور ڪائي مٿان پاڻي جو پيالو پي وقت ٽپائيندو هو. موادي ڪتان گوشت ايندو هوسين پر روٽيءَ لاءِ اٽو نہ هوندو هوسين تہ گوشت تي ئي گذارو ڪندا هواسين“ محمد صاحب ﷺ اڪثر جون جي ماني ڪائيندو هو ۽ اٺ جو کير پيئندو هو پنهنجي هٿن سان گهر جي ٻهاري پائيندو هو موادي تہ ڪپڙا بہ پنهنجا پاڻ سبندو هو.

## حضرت محمد ﷺ جي هلندي

حضرت محمد ﷺ جي وعظ ۽ نصيحت جو مديني وارن تي اهو اثر ٿيو جو سندن ڪو گهرو معاملو هوندو هو ته ان جي فيصلي لاءِ به هن حضرت وٽ ايندا هوا.حضرت فيصلو اهڙو پورو ڪندو هو جو ٻئي ڌريون خوش ٿي ونديون،هيون سندس هلندي به ڏاڍي هئي هڪ ڏينهن مديني وارن سيني رهاڪن کي گهرائي صلاح ڏنائين ته "اوهان کي جڳائي جو سڀ پاڻ ۾ هڪ قوم ٿي رهو دين تي سيڪو پل پنهنجي قائم رهي پر اوهان سڀ جي مديني ۾ رهو ٿا ڇا يهودي ڇا ڪرستان ۽ مسلمان به ڇا مڪي مان پڄي آيل ڇا اصل مديني وارا پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي پئو ڪوبہ اوهان مان ڪنهن کي به نه ستائي نه ان کي ساريءَ قوم جو دشمن ڪري ڄاڻو ڪوبہ اوهان مان ڪنهن جو به مال ڦٻائي ته ان کان وٺي اصل واري مالڪ کي موٽائي ڏيو مبادا ڪو اهڙو منجهن ئي معاملو اچي مچي جنهن جو فيصلو اوهان پاڻ نه ڪري سگهو ته پوءِ بيشڪ مون وٽ هليا اچو ته آءٌ قصو ناهي ڏيان" سين سنديس نيڪ صلاح مجي ۽ آئنده ان تي عمل پي ڪيو.

## عبدالله بن ابي جي عداوت ۽ مڪي وارن سان منصوبو

تن ڏينهن مديني ۾ عبدالله بن ابي نالي ڪو بيٺل ماڻهو رهندو هو هن کي وڏي اميد هوندي هئي ته مديني وارا ڪٺم ڪڏهن نه ڪڏهن مديني جو بادشاهه ڪي سردار مڙيوئي مقرر ڪندا پر هاڻ جو ڏنائين ته مرڳو ئي محمد صاحب ﷺ شهه ٿو ڏيئي وڃيم ۽ سين جي ڊوڙ ڏانهنس آهي سو ماٺ ڪري نه وينو قريشين کي چوائي موڪليائين اوهان بي ڌڙڪ مديني تي چڙهي ڪري اچو ته يهودين جي آءٌ ٿو اوهان کي پڪ ڏيان اوهان سان شامل ٿيندا. قريشين کي آئي هشي ۽ ڪيائون چڙهيءَ جا سنباها سندن هڪڙو وڏو قافلو شام کان ٿي آيو تنهن کي به چتاءُ ڪيائون ۽ چوائي مڪائون ته"اوهان هيڏانهن وڌجو نه اتر کان ئي مديني وارن تي حملو ڪجو اسان ڏکڻ کان سوڙهو گهٽيينداسين."

مديني وارن کي بہ خبر رسي ويئي تہ اجهي ٿا اچن قريشي ٻهار هجري سن ٻيو هو رجب جو مهينو هو.ويچارا مکي مان پڄي آيل رت روئڻ لڳا جي"ديس ڇڏي پرديس پنياسين اجان خبيثن مان نٿا ڇٽون " پر وري دل جهلي چيائون "انت نہ آئي آهي ٻي ڪنهن شهر ڏانهن بہ نہ هنئر پڄي نہ سگهون ادي يا اودر هلو تہ مڙس ٿي هلي لڙون".بس نهراءُ ڪيائون تہ مکي وارا قريشي ڏکڻ کان اچن ٿي اچن .تنهن کان اڳ اتر وارن کي وڃي پڄجي ۽ ڪماهڙو ڪجي جو ٻنهي طرفن وارا پاڻ گڏجن نہ.

پوءِ 314 ڄڻا ننڍا وڏا مڙيئي منجهن سرتان آهولاهي پيا پنڌ پر قريشن جي سردار ابو سفيان کي ڪا خبر پئجي وئي تہ مديني وارن هي سٽ سٽي آهي تنهن امالڪ ڊوڙايا سوار مکي ڏانهن تہ اچي واهر ڪريو نہ تہ ٿا وڃونو هزار"ڪوپا ڪليڪوڏيا سائو سلحدار"نياپوسٽي مدد لاءِ سنيري هليا تنهن وچ ۾ ابو سفيان کي چو نہ ڪو وجهہ ملي ويو.سو اڏو گابرو قافلو ساڻ ڪري نڪ اچي مکي ۾وارد ٿيو.اتان ابو جهل کي چوائي مڪائين "تہ ساڳيو رستو ڏيئي باقي قافلو وٺي هاڻ تون بہ مکي هليو آءُ".پر ابو جهل جواب موڪليس تہ "جيسيتائين محمد ﷺ جونانءُ صفحي هستي تان ڊاهي نہ ڇڏيندس تيسيتائين آءُ نہ موٽندس."

## بدرجي لڙائي

مسلمانن بدر ۾ اچي خيما کوڙيا هوا ابو جهل بہ اوڏانهن وڌي وڃي سامهون ٿين. محمد صاحب ﷺ داور جي درگاهہ ۾ سر نوائي وينتي ڪئي"اي عالم جا سهارا ! تون اچي هاڻي سهاءُ ٿي.هنن ايماندارن جو همراهہ ٿي.يا الله اسان جي هار ٿي تہ جڻ حق جي هار ٿي، هيڪاري آدمي بي دين ٿي پوندا.ٻنهي ڌرين کان تياريون ٿيون اول اول قريشين جا ٽي جوڌا جوان پڙ تي پڌرا ٿي بيٺا ۽ هاڪاري هوڪو ڏنائون " آهي ڪو؟ اچي اسان سان لڙي" تنهن تي مسلمانن جي ڌر مان حمزه علي ۽ عبيده رضي الله تعاليٰ عنهم نڪري نروار ٿيا.انهيءَ زماني جو رواج هوندو هو جو اهڙي نموني ڪو مهاين جي وچ ۾ مقابلو ٿيندو هو تہ ٿيون وچ ۾ نہ پوندو هو هن وقت بہ ٻنهي ڌرين وارن ماٺ ڪيو بيٺي نظارو ڏٺو.نيٺ قريشي ٽيئي مارجي ويا ۽ مسلمانن جا منهن سرها ٿيا.

قريشين پوءِ ڪيو سنباهو حملي جو وٺن ته جنگ جو سمورو ساج هڪيو هو مسلمان ويچارا مسافر ماڻهو تن وٽ سو سواءِ صداقت جي نالو الله جو هو مٿان وري سيارو ڏک ڏکندو ٿڌ پي ڏنگيو.آسمان ۾ غبار اونده انڌونڪار ڪنهن ڪنهن وقت ڪنوڻ ڪنوي ٿي ته هيڪاري ڊپ وني ٿي ويو.لڙائي لڳي ڏاڍي مارا ماري ٿي.پر نيٺ قريشين جي هار ٿي.سندن سردار ابو جهل مارجي ويو ڪيترا قريشي قيد ڪيا ويا.

قيدين مان ٻه اهڙا هوا جن کي ڇڏي ڏجي ها ته پڇتائين ته ڪونه ها وڏيڪ ئي خدا جي خلق کي ستائين ها سي ته امالڪ قتل ڪيا ويا. باقي ٻين کي خون جي معافي ڏني ويئي پر جن وري ڪجهه روڪڙ ڏني يا ته قول ڪيوته آئنده مسلمانن کي نه ستائينداسون سي صفا آزاد ڪيا ويا.قيدين ۾ اهڙا ٻه ڪي هوا جي عالم ۽ داناءَ هوا تن کي حضرت محمد ﷺ چيو ته "اوهان مديني ۾ رهي ڪجهه عرصو مسلمانن جي ٻارن کي تعليم پڙهايو پوءِ اوهان کي چوٽي آهي هليا وڃجو." تن آنهن ڪئي. مسلمانن کي سخت تاڪيد ڪيوويو "خبردار ڪنهن ٻه هنن کي قيدي ڪري سمجهيو آهي يا ڪا ٻه ساڻن بيجاءِ هلت هليو آهي.هي ٻه اوهانجا پائر آهن.سندن خاطر ڪجو."مسلمانن ان جو عمل بخوبيءَ پي ڪيو.جڏهين اهڙن عالمن مان ڪن جو نيٺ مدو پنو ۽ موٽي وطن ويا ته مسلمانن جي ساڪن مان نه پيا ڊاپن چي" خدا ڀلو ڪري انهن اشرافن جو.وٽن وهٽ هڪڙو هوندو ته اهو سواريءَ لاءِ اسان کي ڏيندا هوا پاڻ پيادا هليا هلندا هوا اسانکي کارائيندا هوا ڪٽڪ جون مانيون پاڻ کجور تي ئي ويلو پاڙيندا هوا."

هن لڙائيءَ مان مسلمانن کي گهڻو ئي مال هٿ لڳو پر ورهاڱي تان منجهن اچي ڪجهه تڪرار ٿيو تنهن تي حضرت محمد ﷺ وچ ۾ پيئي ردبدل لاهي ڪين ناهي ڇڏيو ۽ اهو مال پورا پاڱا ڪري سيني سپاهين کي ورهائي ڏنو ۽ آئنده لاءِ ٻه هدايت ڪري ڇڏيائين ته" ڪو ٻه مال لڙائيءَ ۾هٿ لڳيو ته پنجين پتي خدا جي واٽ ۾ ڪڍجو پيغمبر جوحصو ۽ يتيمن جو ڀاڱو ۽ ٻيا خيراتي ڪم ان ۾اچي ويا باقي چار پتيون پاڻ ۾ورهائي ڪٽجو."

ٻن قيدين جو قتل ٿيو تنهن لاءِ ڪي شايد محمد صاحب ﷺ تي الزام آڻيندا چوندا ته"پيغمبر جي شان وڏائي اها ڳالهه نه هئي."پر سوال آهي ته جي محمد صاحب ﷺ هنن ٻن خونين کي ڇڏي ڏي ها ۽ هووجي وڏيک خونريزي

ڪن ها.جنهن جي سورهن آنا پڪ هئي تہ پوءِ انهيءَ خونريزي جوالزام ڪنهن تي پوي ها.“

مسلمانن جي هيءَ سوب تي سو خوشيءَ وچون ڪيڙن ۾ نہ پي ماپيا پر خوشيءَ مان اتيئي غمي تي پيئي.حضرت محمد ﷺ جي وڏي نياڻي رقيہ عثمان جي گهر ۾ هئي ان ويچاريءَ وصال ڪيو.وري بہ شڪر جو ٻي ڏيڻس زينب مڪي مان جند ڇڏائي اچي هنن ئي ڏينهن ۾مديني ۾مليس. زينب ابوالعاص جي گهر واري هئي.

## وري قريشي

قريشي وڏا ڪالينگها هوا هيڪر سائو منهن ٽين تہ بہ پاڙن ساوا رهن ڪٽي سو نہ اندر ۾ ساڙ ساڙيندا آيا ول پئي ولياءُ ڪئي هن محمدﷺ جو ڪنڌ ڪلهنئون ڪوري ڪڍون.هڪ ڏهاڙي محمد صاحب ﷺ مديني جي چڪ ۾ وڻ هينيان هڪسائي سبزويءَ تي ستو پيو هو تہ قريشي هڪڙو اچي اتان لانگهائو ٿيو.هي يار ڏاڍو ڪي خوش ٿيو.چ ي“هينئر هي وجي ڪيڏانهن هٽي ڪٺاري قهر جي اتيئي تو سسي ڌڙنئون ڌار ڪري ڇڏيائنس“. پردل ۾آيس تہ“ نہ ٻيلي! مڙس جو ڪم تہ آهي جوستل جو ائين ساهہ ڪڍي ڇڏي.“ سو جاڳائينس. محمد صاحب ﷺ اک پٽي تہ اتس ترار الاري چيائينس“ چوءِڙي چا تو چئين؟ اٿيئي ڪو اوهي واهي ؟ ڪير تو توکي ڇڏائي؟“ محمد صاحب آسمان ڏي مهڙ ڪري هٿن سان اشارو ڪيس تہ“ اهو پاڪ ذات منهنجو رکڻ وارو آهي.“ قريشي جو اتي هٿ اچي ڏڪيو ۽ تلوار ڇڏائجي پٽ تي ڪري پيس. محمد صاحب امالڪ جهٽ ڏيئي تلوار ڪٽي ورتي ۽ مٿانئس جهلي چيائين“ هاڻ تون ٻڌاءِ آهي ڪو تنهنجو اوهي ڪو واهي؟“هن جواب ڏنو ”نہ“تڏهن محمدصاحب ﷺ چيس ڙي ڳهيلا چئو تہ اهوئي الله منهنجو رکڻ وارو آهي هاڻ وٺ موٽائي سنديئي ترار پربڌ انسان آهين تہ ان سڳوري سائينءَ ۾ ثابت يقينو رک ٻيو تہ هرو پرو ان خالق جي خلقت کي آزار نہ“ قريشيءَ سر ڪٽي سندس قدمن ۾ جهڪايو ۽ڪانئس ارشاد وٺي مسلمان ٿي پيو.

# ٻہ پرڻا

حضرت عمر جي نياڻي حفصہ ڏنيل هئي.حضرت عمر کي ڏاڍي ڳڻتي هئي تہ ڪٿي ڇوڪري وڃي شينهن جي ڪلهي چڙهي حضرت عثمان هنئر ڇورو ڇانڊ هو، ۽ گذاريندو بہ اپاڻڪو پيو هو.تنهن کي مائٽي ڇواپائين پر عثمان پير نہ کوڙيو.اتي حضرت محمد ﷺ وچ ۾ پيئي ، پاڻ ڪٽي حفصہ سان شادي ڪئي ۽ حضرت عثمان کي وري پنهنجي نياڻي ام ڪلثوم پرڻائي ڏنائين.لعل بہ ليجي آئي پريت بہ رهجي آئي. مسلمانن جي ڪتابن ۾ آيو تہ قرآن شريف جون آيتون نازل ٿينديون هيون تہ لکارائي حفصہ جي حفاظت هيٺ رکيون وينديون هيون.

# احد جي لڙائي

ابو سفيان هارائي موٽي مڪي ويو تہ گهر نئون ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنائين.شرم ٿي آيس پر جوڙس هنده تپائي ڏنس ۽ طعنن سان سٽي رکيانس ڇي" تو ۾ ٿوم ئي ڪانهي.رڍ جهڙو ڪو مڙس آهين .منهنجو ابو ۽ ادو موا آهن تن جو بہ بدلو نٿو هلي وٺين؟" ابو سفيان کي آخر جوش پريو ۽ قريشين کي ڪوٺائي چيائين تہ "يارو! مڇي مڙس ٿيو وهڻ ڪو ڪن جو؟هلو تہ هلي وري لڙون. من هن ڀيري داءُ لڳي ۽ نصيب يا وري ڪري! قريشين تہ ائين گهريو ٿي ست سو گهوڙي سوار ۽ ڪيترا پيادا پلٽڻ وارا سڀي سنبهي ترت تيار ٿي بيٺا.
هوڏانهن مديني وارن کي بہ سماءُ پئجي ويو دشمن اچي ئي اچي تنهن ڪان اڳ حضرت محمد ﷺ سيني مسلمانن ۽ ٻين کي گهرائي،ڪائن صلاح پڇي تہ "شهر ڪان ٻاهر هلي اتن دشمن سان سامهون پئون يا پاڻ هتي ئي وينا رهون.اڃن تہ رڳو پنهنجي بچاءُ لاءِ ساڻن لڙي ڪين هٽائي ڪيون؟ مونکي تہ پوئين ڳالهہ پسند آهي." ٻين پير مردن بہ سندس راءِ کي ٽيڪو ڏنو.باقي نوجوانن چيو تہ "ويني مان ڇا ورندو؟ هلو تہ کلئي ميدان ۾ هلي ساڻن لڙون ڪين تہ "محمد صاحب ﷺ چيو "چڱو" پوءِ يڪدم تياريون ٿيون ۽ 1000 لشڪر نڪري نروار ٿيو.ان هزار ۾ 300 هوا يهودي مسلمانن جو منجهن ايمان

نہ ٻڌو تن کي ڇيائون اوهان اتيئي وينا رهو.باقي پاڻ 700 ڄڻا اچي ميدان ۾ وارد ٿيا وٽن گهوڙي سوار فقط ٻہ هوا ۽ ٻيا ٺورڙا کي تير انداز ڇانوٽي وڌاون .احد جي پهار تي احد آهي.مديني کان 3 کوهن جي مفاصلي تي اتي قريشي بہ اچي سهڙيا ساڻن سڄو سارو 3000 لشڪر هو.ڪامپو وڌائہ اصل مسلمانن جي نڪ سامهون.

صبوح ٿيو ۽ مسلمان صبوح جي نماز پڙهي پالها ٿيا تہ ڏٺائون مار هيڏو سارو ڪٽڪ دشمن جو ! گهبرائجي ويا. محمد صاحب ﷺ همٿائن ۽ هيٺ ميدان ۾ آٽي چوڏاري ڪين قطارن ۾ ائين بيهارياڻون جو مجال دشمن ڪٿان بہ ٻي ڏڙڪ منجهن اندر گهڙي اچي.تير اندازن کي سو ٽڪري تي ئي بيهاري ڇڏيائون ۽ چئي ڇڏيائين "ڇا بہ ٿي پوي اتان چرجو نہ"

سورج شاخون ڪڍيون تہ قريشي بہ هيٺ آيا ۽ ترسيا بہ ڪين وڃي مسلمانن تي حملو ڪيائون پوءِ تہ رڪ رئي لڳي ويئي.گهوڙا جي ڊوڙيا ان ڪري مٽي جا اٿي سو چوگرد ڪارا ڪڪر ٻڌجي ويا امڪان هو تہ مسلمان ڪٽندا پر نصيبن کي سندن تير انداز ڏٺائون جو قريشن ۾ اچي ڀاڄ پيئي آهي سو قرلٽ جي لالچ تي ٽڪري ڇڏي هيٺ ميدان ۾ لهي پيا قريشي اتي ڦيرو ڪائي سيئن طرفن کان ويڙهي وين. مسلمانن جي ڪائي ڪمائي ڪٽ ٿي ويئي.حمزه شهيد ٿي ويو خود محمد صاحب ﷺ کي منهن ڏارو هڪڙو پٿر اهڙو لڳو جو ڏند ڀڄي پيس.تنهن ڏاران منهن ۾ هڪڙو تير بہ لڳس مسلمانن جو هڪڙو جهنڊي وارو هو شڪل شبيهہ سڌ پڌ حضرت جهڙي هيس اهو بہ ڪو مارجي ويو تنهن تي هل هلي ويو تہ حضرت محمد ﷺ پاڻ پورو ٿي ويو.سردار ڪريو تہ باقي سپاهہ ڪهڙو ٿو ٻوٿو ٻاري؟ مسلمانن ۾ اچي ٽاڪوڙو پيو ڪي تہ ڀڄ پائي اٿي ڀڳا ڪي ماٺ ڪري ويهي اتيئي بيهي رهيا باقي ڪي ٺورڙا هوا جي اڃا پي لڙيا ڇي" جتي اسان جو سردار سڌاري هليو اتي اسان بہ پنيانس" حضرت ابوبڪر کي تہ ڳالهہ دل سان نہ پيئي لڳي ڇي "ٿيڻي ناهي جو حضرت محمد ﷺ وصال ڪيو هوندو؟"ڪن تنهن تي ڀڇيس تہ "اهو ڪيئن ٿا چئو؟"ڇي حضرت محمد ﷺ کي جنهن پلي ڪم لاءِ خداوند اپايو آهي سو اڃان پورو نہ ٿيو آهي تہ پوءِ ان کان اڳ هئڙو ڪارڻ ڪيئن ٽٻو؟" ڳالهہ هيئن هئي ابو عامر راهب پڙ جي گهٽ گهٽ ۾ مسلمانن جي ڪرڻ واسطي کي کڏون ڪوٽي ڇڏيون هيون.حضرت محمد ﷺ ان مان هڪ جي پر تي بيٺو هو تہ قريشي هڪڙي اچي ڪيس ترار هنئي ۽ هيءُ صاحب

وجي ان ڪڏ ۾ پيو پر طلحہ امالڪ هيٺ لهي وجي ڪيس پاڪر ۾ ورتو ۽ اتيئي حضرت علي مڙسي ڪري ڪڍي ٻاهر ڪيس ان وقت حضرت محمد ﷺ ڪي بدن تي بہ زرهون پيل هيون ۽ ماٺهو فقط 14 ساٿس هوا.

لڙائي پوري ٿي تہ هنده پڙ ۾ ٿي بيني ۽ حمزه جو لاشو ڪپي ڳترا ڳترا ڪري سندن هنياءُ ڪڍي وات ۾ وجهي وني ڏند

قريشي موٽي پنهنجين چاوٽين ۾ ويا ۽ مٿان رات بہ پيئي تہ حضرت محمدﷺ بہ ڪجھہ جوان ساڻ ڪري پڙ ۾ ٿي بينو حمزه جو هئڙو حال ڏسي ڪيس تاءُ آيو حڪم ٿي ڏنائين تہ قريشين جي مردن جو بہ اهڙو ئي حال ڪريو.تہ مٿان وحيءَ لهي اچي روڪيس تہ "ائين نہ ڪر

ابو سفيان موٽي مڪي تي ويو تنهن وقت ڍنڍورو ڦيرائي مسلمانن کي ٻڌائيندو ويو تہ "آئيندهہ سال لڙائيءَ جو انجام وري بدر وٽ آهي." مسلمانن اها ڳالهہ قبول ڪئي پر آئنده سال ابو سفيان لڙائي جو ست نہ ساري ڪونہ سگهيو ۽ اها لڙائي لڳي ڪانہ.

احد جي لڙائي ۾ سو مسلمانن جو نقصان نهايت گهٽو ٿيو ويساهہ گهاتي بہ ساٿن ڏاڍي ٿي.

## يهودين جي اٿبٺٽ

مسلمان مديني ۾ آيا تنهن ڏينهن کان وني يهودين ڪين پائي ڏنو هيڪاري پريندي ئي مسلمانن جي بدر جي لڙائيءَ ۾ جيت ٿي سو پچڪو اچي لڳن اندر ئي جلي سڙي رک ٿي وين ڪن تہ وني پيغمبر تي ٺوڪبازيءَ جا قصيده ناهيا ڪن تہ وري قريشن کي شورائڻ لاءِ راڳ ناهيا محمد صاحب ﷺ شب ۾ گهٽو شرماين ۽ مٺ محبت ۾ سمجهاين پر اٿاسا هوا لڳو اٿليو وري بہ چرچ ڪان نہ رهيا نيٺ محمد صاحب ﷺ بہ بر تي چين"هاڻ مرضي آهي اوهانجي.مسلمانن ساٿن ئي ردبدل ڪئي تہ آءٌ ڪونہ جهليندوسان پجي ڪائجون"

هڪ لڳّا اتفاق اهڙو ٿيو جو عربن جي هڪ ڪنواريءَ نينگري يهودين جي چونڪ ۾ ڪير پئي وڪيو يهودي اچي لڳس تہ"هرويرو منهن کول" هن نانهن ڪئي تنهن تي پوي جو هڪڙو سونارو سو مٿي تان پوتي لاهي ڪٽي ڦٽي ڪيائينس چو نہ هڪڙو مسلمان بہ ان وقت اچي اتان لنگهي .هي حال

ڏسي مڙس کي باهہ لڳي ويئي.ڪڍنديئي تلوار ڪپ مان سوناري تي جهلي ڪري آيو.يهودين ڏنو اسان جو ذات ڀائي ٿو مارجي سي مسلمان کي ويڙهي ويا مٿان مسلمانن جو ڪٽڪ اچي نيون! يهودين ڄاتو تي تہ مسلمان اسان کي ماري وجهندا جتي ڀڄڻ نہ آهي جاءِ تتي ڀڄڻ ڪم وريام جو.لوه ڏيئي وڃي قلعي اندر سوگها ٿيا مسلمان بہ گهيرو ڪري ويهي وين.آخر جڏهن اندران پاڻي کٽن تڏهين دروازو کولي اچي مسلمانن جي پيش پيا.مسلمانن تہ چيو"بس سين کي ماري ڪريون ٿا نگهوسار" پر عبدالله بن ابي منٿ ڪين تہ"ماريون نہ، فقط هن علائقي کان دعويٰ بي دعويٰ ڪريون"

ڏبري ڍور کي مچر انيئي گهٽو ڪائي.احد جي لڙائي کان پوءِمسلمان بہ ڏبرا ڍور ٿي پيا سو مچرن يهودين وري وري ڪين ڪائڻ جي ڪوشش پي ڪئي.يهودين جو مطلب هو تہ مسلمانن جي مرشد کي ماري موت رسايون. شاهہ شاهوڪاريءَ تہ ساڻن نتي پڇي سگهيا نيٺ هڪڙي بي رٿ رٿيائون.

منجهائن بنو نصير وارن هڪ ڏهاڙي مسلمانن کي دعوت چوائي موڪلي تنهن سڏ تي حضرت محمد ﷺ ابوبڪر ،عمر، علي ۽ ٻيا بہ گائبا سارا مسلمان سندن مڪان تي وڃي وارد ٿيا ۽ يهودين سندن مرحبا ڪري ڪين هڪ پٽ جي پاڙ ۾ ڪٽي وهاريو مڃاڻ انهيءَ پٽ تي ڪي چيون رکيون هيون. محمد صاحب ﷺ جي اک وڃي اتن پيئي.سمجهيائين هيءَ يهودين جي لچائي آهي.مالڪ ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ جهنگ منهن ڏيئي هليو ويو ٻين سمجهيو شايد ناڙا چوڙ ڪرڻ ٿو وڃي پر جڏهن ڏٺائون گڇ پنڌ ڪري هليو ويو آهي تڏهن پاڻ بہ اتي پنيانس ويا.

يهودي جهڙي پوک پوکي تهڙي لٽي مسلمان سارو ڪٽڪ وٺي اچي مٿان پين ۽ منجهن ٻاڪر ڪٿو وجهي ڏنائون.يهودي اتي پڳا ۽ ڪک پن تي ويا. ڪن شام ۾ وڃي سام ورتي ڪن قلعي خيبر ۾ وڃي سر لڪايا. سارو سندن مال ملڪيت مسلمانن جي هٿ آيو پر حضرت محمد ﷺ پل وڏين تہ اهو مال اوهان پنهنجي خانگي ورتاءَ ۾ بنهہ ڪتب نہ لايو سارو خير جي ڪمن ۾ صرف ڪري ڇڏيو.

## نئون دشمن

اتي هڪڙي نئين دشمن اچي منهن ڪڍيو بنو المصطلق وارن جو بادشاهه حارث مسلمانن تي ڪاهي تي آيو. پر محمد صاحب ﷺ ڳچ جيترا جوان مڙس ساڻ وني،وات تي وڃي گهتيس ۽ شڪست ڏيئي هٽائي ڪڍيائينس دشمن جي لشڪر مان 200 آدمي قيد ٿيا ۽ لٽ ۾ بہ 5000 رڍون ۽ 1000 اٺ مسلمانن کي هٿ آيا.

قيدين ۾ شاهزادي جويريہ بہ هئي. ڦرلٽ (نوٽ: هي ڦرلٽ ناهي بلڪہ ان کي مال غنيمت چئبو آهي.) جو بہ ورهاڱو ٿيو تہ جويريہ ثابت ابن قيس کي پتيءَ ۾ آئي. جويريہ سپاهيءَ جي سريت ٿي وهي تنهن ڪان ان کي عار هو سپاهيءَ کي چيائين تہ ”تون منهنجي پچر ڦٽي ڪر،آءُ توکي هيتري ڪہ هيتري رقم عيوض ۾ ٿي ڏيان“ سپاهيءَ جواب ڏنس“چڱو“ پر جويريہ اها رقم آڻ ڪٿان؟ پاڻ بہ بند ۾ تہ سندس مائٽ بہ بند ۾.

آخر حضرت محمد ﷺ جي خدمت ۾ اچي عرض گذاريائين تہ“آءُ شهزادي آهيان حارث جي نياڻي آهيان، منهنجا بند خلاص ڪريو.آءُ اوهان جي دين پيڻ ڪري نہ آهيان تہ بہ منهنجي حال تي ڪهل آڻيو.مونکي اميد آهي تہ اوهان پنهنجا لائق ڪندو.“

حضرت محمد ﷺ جي دل پني پر ڪري چا؟قاعدي موجب ثابت کي بہ تہ نہ چئي تہ“هن کي آزاد ڪر“ نيٺ ٻيو چارو نہ ڏسي باسيل رقم پنهنجي هڙون ڏيئي هن جا بند آجا ڪرايائين ۽ هڪڙي معتبر کي چيائين تہ ”هن کي سلامتيءَ سان سندس مائٽن وٽوجي رساءِ“

اتي حارث بہ ڳچ جيترو خزانو ۽ جنسي مال ساڻ ڪٺي اچي مديني ۾ رسيو ٻڌائين تہ حضرت محمد ﷺ هنن پنهنجا لائق ڪيا آهن سو سر ڪري حضرت جي پيرن تي رکيا. آيو ڌيءَ کي ٻانهپ کان ڇڏائڻ پر پاڻ پنهنجي خوشيءَ ٻڌو ٻانهون ٿي پيو.

حارث مسلمان تہ ٿيو پر پڻ حضرت محمدﷺ کي عرض ڪيائين تہ“حضرتا ! منهنجي ڌيءَ جو سڱ قبول فرمايو“حضرت محمد ﷺ انهيءَ ويچار ۾ هو تہ“ڪهڙو هن کي جواب ڏيان“ ،تہ ايتري ۾ هل هلي ويو تہ ”جويريہ جو حضرت محمد ﷺ سان مڱڻو ٿي ويو.“

مسلمانن تنهن تي پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته تڏهين ته حارث جا جيڪي به عزيز خويش اسان وٽ غلام آهن تن سڀن کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي ڇو ته حضرت جي ساهري پهر سان بانهپ جي بي عزتي ڪا چڱائي! حضرت محمد ﷺ جو ٻڌو ته منهنجي مريدن هي سٺ سٽي آهي تنهن به ڪٽي آنهن ڪئي بس جويريه سان نڪاح پڙهيو ته پيڪنس سيني مسلمانن کي ڇڏي ڏنو. هو به مسلمانن جي فراخدلي ڏسي اچي اسلام جي ڏوريءَ ۾ ٻڌا واهه واهه پئجي وئي.

## خندق جي لڙائي

ابو سفيان ماٺ ڪري ڪونه وينو رات ڏينهن پيو گهاٽ گهڙيندو هو ته ڪيئن مسلمانن کي اصل جڻ پچي ناس ڪر ڇڏجي. قريشين ۽ يهودين ۽ عربستان وارن سڀن کي پيو شورائيندو هو آخر وجهه وٺي لشڪر ساڻ ڪري اچي مديني جي چڪ ۾ ڏيرا ڏنائين.

محمد صاحب ﷺ کي خبر رسي ته ٿبيءَ ۾ پئجي ويو.مسلمانن وٽ نه ليپي سامان سڙو نه ليپي ڪارائتو هٿيار پنوهار وري به گهر نهيل هجي ته به جيئن تيئن. يهودين مديني وارن ته وجهه پئي ڳوليا ته ڪٿي مسلمانن تي ڪاهه ٿئي ته روه ۾ رلايون.اهو ڏٻ جدا اتي سلمان فارسيءَ حضرت محمد ﷺ کي مايوس ڏسي. هي تجويز پيش ڪئي ته يڪساهيءَ مديني جي چئن پاسن کان کاهي کٽي کوٺائجي، ته پوءِ دشمن جي ڏپ کان ڇٽي پئجي."صلاح هئي منديءَ تي ٽڪ يڪدم سڀ مسلمان ڪم کي جنبي ويا. حضرت محمد ﷺ پاڻ مزورن وانگر ڪم پئي ڪيو پانيوو ٿا ويچارن جي دل ۾ ان وقت ڇا پي وهيو واپريو هوندو؟ دشمن آيو ڪي آيو.بس ماني پاڻي وسري وين. ڪم کي لڳا رهيا.مسلمانن جي ڪتابن ۾ آيو آهي ته اتي ڪو خدا جو بندو پوي سو هڪڙي کجور جي ٽوڪري وٺن رکي ويو. پر ڪم ڇڏي کجور ورهائي ڪير؟ آخر هڪڙو هڪڙو ٿي منجهانئس وارو ڪندو ويو.

چون ٿا ته سڀن ڪائي پيٽ پريو ته به کجور ڪٿو ڪونه ٽوڪري ائين جي پري رکي هئي.

خيرن سان ڪاهيءَ جو ڪم پورو ٿيو ۽ دشمن به سس ڪڍيو. مسلمانن جي پاسي به 3000 اچي مڙيا هوا. جنگ جو سامان ته خير ڪو هو.پر دل ۾ ايمان سندن جهجهو هو دشمن ڏوڪ ڏوڪ ڪندو ڪاهيندو ته آيو. پر اڳيان ڪاهي

ڏسي وائڙو ٿي بيهي رهيو پوءِ ته ٻنهين طرفن کان تڪا تير پي ڇٽا اتي حضرت محمد ﷺ کي سماءُ پيو ته بنو قريظہ وارا وڃي دشمنن سان مليا آهن. حضرت محمد پنهنجن ساٿين سان صلاح ڪئي ته"هاڻي ڇا ڪجي؟ بني عطفان وارن کي مديني جو ڪجھ ڀاڱو ٻاسي ڪٽي پنهنجي پاسي ڪجي؟"

تنهن تي سعد بن معاذ بنيدوس وارو اتي ڪڙو ٿيو.هي وڏو دلير ۽ دلشير هو چيائين ته "حضرتا جي هي حڪم وحيءَ وٽان اوهان کي مليو آهي ته اسان جي اکين تي آهي مگر هيءُ سائين جن جو پنهنجو رايو آهي ته معاف ڪجو هن ٻندي کي ڪجھ چوڻو آهي."

حضرت محمد ﷺ جواب ڏنس ته"وحيءَ وٽان مليل هجي ها ته آءٌ اوهان کان پڇان ڇو ها؟ هي منهنجو ئي رايو آهي."

سعد چيو"تڏهين ته وڏي شرم جي ڳالهہ آهي جو اسين مسلمان ٿي ڪري وڃي هنن بت پرستن جا ڊل ڀرائو ٿيون، جڏهين اسان بت پرست هوندا هئاسون تڏهين بہ بلڪ هنن جي وڏيري کي اسان مهمانيءَ ڌاران ڪجھ نہ ڏيندا هواسون دشمن ۾ جي ايڏي طاقت آهي تہ ڀل تلوار جي زور سان وڙهي اسان کان مدينو وٺن ٻيو بہ مئي مارائي ڌاران اسان بہ نہ رهنداسين"حضرت محمد ﷺ ڪٽي ماٺ ڪئي.

لڙائي زور شور سان ڳچ ڏهاڙا لڳي رهي.نيٺ قريشين جا ٿورڙا ڪي سائو سلحدار کاهي ٽپي .هن طرف وڃي پهتا. منجهن عڪرم ابن ابو جهل ۽ عمرو ،عبدو بہ هوا تن سيني

هوڪو ڏيئي چيو"آهي ڪو سورمون؟ اچي اسان سان مقابلو ڪري"هن سڏ تي سعد ۽ علي ۽ ٻيا ٿوررا ڪي مسلمان اٿيا ۽ وڃي منهن مقابل بيٺن ڀهرين ڇڙا علي ۽ عبدو پاڻ ۾ لڙيا ۽ عبدو مارجي ويو وري لڙائي عام طور لڳي پوءِ تہ؛

بهادر گڏيا بهادرين ڪڙڪ ڪلول ڪن
وجهن ڌڙ ڌڙن تي هاڪاريو هڻن
ڪرن ڪنڌن نچن ،رڻ ڳچيو راڙو ٿيو

ڌرين جو نقصان ڏاڍو ٿيوآخر قريشين ڏنو نہ پناسون تڏهن پچ پائي اٿي پڳا.

اتي نوفل ابن عبدالله گهوڙي سوڌو کاهيءَ ۾ ڪري پيو مسلمانن وٺي وجايس پٿر ۽ نڪر تن کي چيائين"اچي ڪو اوهان جو پهلوان هتي ئي يڪي

سر مون سان وڙهي تہ ڏيکاريانس ڏينهن جا تارا ڪين ڪريو آهيان. تڏهين ٿا پٽر اڇلايوم؟ اها بہ ڪا جوان مڙسي آهي؟"

تنهن تي حضرت علي عہ حضرت محمد ﷺ کان رخصت وٺي کاهيءَ ۾ ٽپي پيو نوفل کي چيائين "اجهو آيو آهيان هاڻ ڏيکار ڏينهن جا تارا؟" پوءِ تہ ٻئي مڙس اٽڪي پيا سخت چٽا پيٽي لڳي نيٺ نوفل ڪري پيو ۽ علي سندس سر ڪپي نڪري کاهيءَ مان ٻاهر ٽيو منهن ۾ عڪرم گڏيس تنهنجي چڱي جوڙ پچايائين اماڻي هاا نهيءَ کي بہ آخرت ڏي پر
هو ڪنائنس جند ڇڏائي ڀڄي ويو.

هاڻ نڪو مسلمانن ئي پاڻ ۾ سٽ تي ساريو جو کاهيءَ جي پار وڃي دشمن سان چوٽ کائين نڪو وري قريشين ۾ ايتري جريت هئي جو کاهي ٽپي اچي مسلمانن سان اٽڪن.

پر مسلمانن هڪڙي ٻي ڪيڏ پڪيڙي هڪڙي حريف کي دشمن وٽ موڪليائون تہ وڃي کو منجهن ڦيٽارو وجهي اچ" هو ڦريائين ڦريائين ويو بنو قريظ وارن وٽ ڳالهين ۾ ساڻ ملي ويو آخر وجهہ وٺي چيائين "اوهان ماڻهن جو عقل ڪيڏانهن ويو؟اوهان وڃي مڪي وارن سان گانڍر ٽيا آهيو اي هنن جي هار تي تہ هنن جي موچڙي هو تہ ڀڄي ويندا پنهنجي وطن ۾ پر حال اوهان جا اوهانکي تہ آخر مديني ۾ ئي رهڻو آهي ڪيڏانهن ٻئي هنڌ بہ تہ نہ ڀڄي وڃو؟ هرويرو جي هنن سان هٿ ڳنڍيو اٿو تہ پنهنجي پڪي پڪائي تہ ڪڍي ڇڏيو مڪي وارن کي چوائي منجو تہ ڪي معزز رئيس پنهنجا اوهان وٽ ضامن طور رکن.ڪانئن اهو انجام بہ وٺو تہ جيسيتائين مسلمانن جو ٻڻ باس نہ ٽئي تيسيتائين پاڻ مديني ۾ ئي وينا رهن هتان هارائن تہ ڳوٺ هليا وڃن" هنن کي اها پٽي پڙهائي آيو .قريشن وٽ تن کي وري هيءَ سر ڏنائين جي کهڙا تہ اوهين ڳهيا آهيو اوهان پائيو وينا آهيو تہ بنو قريظ وارا اسان جا سڄڻ آهن ايهو تہ اندران مسلمانن سان ملت ۾ آهن هيئنر ڏسو اوهان سان جٺ کهڙي ٿا ڪن مدد لاءِماڻهو تہ موڪليو تہ ڏسو جواب کهڙو ٿو مليو چي پنهنجا ڪي معزز رئيس اسانڏي هيڏانهن ڏياري موڪليو تہ اسان کي ضروري ڳالهيون ساڻن ڪنداسون پر خبر اٿو تہ انهن کي اماڻيندا ڪيڏانهن؟سڌو مسلمانن وٽ مون تہ دوست ٿي اچي اوهان کي خبردار ڪيو آهي هاڻي آهيو مرضيءَ جا مالڪ"

سچ ڪوڙ جي صفائيءَ لاءِ ابو سفيان جمع جي ڏينهن پوڄارين جو بنو قريظ وارن ڪي نياپو موڪليو تہ ”سڀان ڪنداسون مسلمانن تي حملو اوهين تيار رهجو“ تن جواب موڪليس تہ“سڀان آهي اسانجو ست(ڇنڇر)اان آرام ونڌاسون ڪونہ ٻيو تہ اسانجي مدد جي اوهان ڪي جي گهرج آهي تہ هي بہ شرط بجا آڻيو شرط اهي ها جي هن حريف ٻڌايا هئن.

مڪي وارن ڪي تنهن تن يقين ٿيو تہ برابر اندر ۾ ڪوٺ اٿن بس حملي جو ارادو ڦٽو ڪري ويهي رهيا.انهيءَ بائيتال ۾هوا تہ هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو آسمان ۾اچي غبار ٿيو.اپ سارو ڪڪرن سان ڇانئجي ويو چو هو ڇتو اچي ڇتڪيو وڏ ڦڙو مينهن اچي ونو هيڏانهن مينهن هوڏانهن واچ قريشين جا سارائي تنبو ڪري پيا اتي منجهائن ڪنهن وني هلايو تہ“اڙي محمد ﷺ پنهنجو جادو هلايو آهي ۽ پنهنجي فوج وني ڪاهي ٿو اچي“ ابو سفيان جو اهو هل ٻڌو سو اوسان خطا ٿي ويس حڪم ڪيائين تہ ترسو نہ ڀڄي وڃو پاڻ بہ امالڪ هڪ مهريءَاٺ تي سوار ٿي پسار ٿي ويو.

## بنو قريظ وارن ڪان بدلو

قريشين ڏني پٺ تہ مسلمانن پيڙا چاڙهيا بنوقريظ وارن تي تہ ”اڙي ڪريو هاڻ جواب اسان ڪي ٻيجاري چوڏني هيو؟“اول اول تہ چڪ وڌائون قلعي جو تہ اهو ڏيو اسان ڪي هن اول ردبدل گهٽيائي ڪئي پرنيٺ قلعي تان هٿ ڪنيائون پوءِ مسلمانن چين تہ ”هاڻ ٻڌايو تہ اوهان ڪي سزا ڪهڙي ڏيون؟“ جواب ڏنائون ”اسان جي سزا جو اوهان پاڻ فيصلو نہ ڪريو امين تا ڪريون وچان ئي سردار سعد بن معاذ ڪي.“

هاڻي انهيءَ سردار جو ڪو ساڻن سنگت جو ناتو هو تنهنڪري مسلمانن البت دل هنئي ۽ نہ چاهيائون تہ ڪو ههڙو نازڪ ڪم سعد ڪي سپرد ڪريون مسلمانن جا منجهن خار هوا يلا بيڙي چاڙهي تي ڦرهو لاٿائون اوچتو مينهن اچي وسيها ۽ هيءُ آخر قريشن سان ڳالهين ۾ نهي وجن ها تہ پوءِ مديني ۾ ذات مسلمان نہ رهي ها.مسلمانن گهريو ٿي هنن خبيثن ڪي ڪا جوڳي سزا ملي خير! لاچار ڪٽي ڳالهہ مڃائون.

سعد بن معاذ بولائي بولائي چين تہ“متان ڪو پوءِ ڌرين مان ريڙهہ پيڙهہ ڪري آءُ نبيرو ڪريان ٿو“ ٻنهين ڌرين زبان ڏني تہ ”ريڙهہ پيڙهہ ڪانہ ٿيندي“

سعد فتويٰ ڏني تہ ”بني قريظ وارن کم بلڪل ڪوٺو ٿي ڪيو تنهنڪري قلعي اندر جيڪي بہ سندن سپاهي آهن سي سپ قتل ڪيا وڃن عورتون ۽ ٻار سندن ٻانهان بنايا وڃن سندن مال متاع ضبط ڪيو وڃي“

حضرت محمد ﷺ وچ ۾ پئي ڪٽي ڏرين جو ٻيءَ ريت پرچاءُ ڪرائي ڇڏي ها پر مسلمان تتا وينا هوا ٻيو بہ هنن جي ئي سڄڻ نبيرو ڪيو چون ٿا سارا اڍائي سئو ماڻهو موت جي منهن ۾ ڏنا ويا مطلب جهڙي پوک پوکيائون تهڙي لڻيائون.

واجهائي وطن کي ساري ساهہ ڏيان
هيءَ سو ساڻيهہ سامهون منهنجو نج ميان
مٿان مياڻي ماروئين وڃي ٿر ٿيان
ميائي جيان جي وڃي مڙهہ ملير ۾
وطن جي واءُ جهڙو ساءِ
ڪئي پرديس آهي مليو
*

حب وطن از ملڪ سلمان خوشتر
خار وطن از سنبل و ريحان خوشتر
يوسف وطن بہ مصر بادشاهي ميڪرد
مي گفت گدا بودن ڪنعان خوشتر

## ساڻيهہ سندي سار

محمدصاحب ﷺ ۽ ٻين مڪي وارن کي مديني ۾ آئي پريا ڇهہ سال گذري ويا تنهن وچ ۾ ڳوٺ جو هنن منهن ڪونہ ڏنو نهيا نڪيا مزي ۾ وينا هوا اتي جي آبهوا سان هري مري ويا ڄڻ ڄوا نپيائي اتي هوا پر آخر اچي ساڻيهہ سندي سار ٿين پرديس ۾ ماڻهو چاهي ڪهڙو بہ سکيو آسودو هجي چاهي وڏن وڏن عاليشان بنگلن ۾ رهندڙ هجي سو ها سندس حاضريءَ ۾ هٿ ٻڌيو بينا رهن هزار ها ڪٽي سندس در تي روز سلامي هجن تہ بہ وطن کو بنهہ وسري ويندس؟ اباڻو چنو جهونو پراڻو جنهن ۾ ڄائو هوندو انجي ڪڏهن نہ ڪڏهن اڻ پڇو اچي اڪير ٿيندس.سار ڇا اصل هر کر اچي لڳنديس تہ هيڪر

مڙيوئي اکين سان وجي اهي وطن سندا وڻ ڏسان ۽ انهيءَ اباڻي چني ۾ سمهي ننڊون ڪريان.

مڪي وارن کي ساڻيھ سندي سار جدا اچي ٿي ۽ حج جو چاھ جدا اچي ٿيو. ساڻن انصاري بہ شامل ٿيا. مڙيئي 1500 مڪي وارا ۽ انصاري سنبهي نڪتا. هٿيار پنوهار ساڻ ڪونہ کنيائون .حضرت محمد ﷺ چين“جنگ ڪانہ ڪرڻي اٿئون. هلون ٿا زيارت تي متان ڪنهن دل ۾ وڙهڻ جو وهم بہ وهاريو آهي.“

قريشين کي هيءَ جا خبر رسي سي چون“ڪن بہ سندن هنن کي ٿا مڪي ۾ اندر اچڻ ڏيون!“ ۽ فوج سنيرائي مڪي جي ٻاهران ٿي بيٺا تہ اچن تہ اتيئي گهٽيون، ڪعبہ جي چوگرد بہ سپاھ ٻهاري ڇڏيائون تن کي سخت تاڪيد هو تہ ”خبردار ڪنهن بہ مسلمان کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني اٿو. مبادا ڪو مسلمان تڳي اچي ايسيتائين رسي بہ ، تہ سر ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏجوس.“

مسلمان جڏهن مڪي کي اچي قابو پيا تہ اتان موڪليائون قريشين کي قاصد تہ“اسان جو ارادو هي آهي ”قريشين جواب موڪلين تہ“ڪو ضرور ناهي متان اڳتي وڌيا آهيو سره سره جيڏا داٽا ڪري ڇڏينداسون.“ ڪن نوجوانن تہ پريان ئي وني حضرت محمد ﷺ تي پٿرن ۽ پترن جو وسڪارو ڪيو ۽ ان تي تڪڙا تڪڙا تير چلايا هي حال ڏسي مسلمانن کي چڙ لڳي وجهنديئي ٻڪ ڪن ٿورڙن قريشين کي، وني آين محمد صاحب ﷺ وٽ پر هن حضرت چين“متان ڪنهن بہ سندن نالو ورتو آهي امالڪ ڇڏي ڏيون.“ قريشن کي وري نياپو مڪائين.

ما برائي وصل ڪردن آمديم
ني برائي فصل ڪردن آمديم

اسين لڙائي لاءِ ڪونہ سنيري آيا آهيون اسان فقط زيارت لاءِ آيا آهيون ٻيو بہ جيڪي شرط شروط اوهان وجهو اهي اسان کي قبول آهن ڪيئن بہ اسان کي اندر اچڻ جي اجازت مڙيوئي ملي.

## حديبہ جوعهد نامو

آخر گهڻي ردبدل پڇاڻان حديبہ جو عهدنامون تيار ٿيو جنهن جا شرط هي هوا :

1. ڏهہ ورهيہ سانده ڌريون صلح ۾ رهن ۽ هڪ ٻئي تي حملو نہ ڪن.
2. قريشين جو ڪو آدمي پنهنجي سردار جي رخصت ڌاران اچي محمد صاحب ﷺ وٽ پناهہ وٺي تہ انکي واپس قريشين ڏانهن موڪلي ڏئي.
3. مسلمانن جو ڪو اهڙو آدمي قريشين وٽ لنگهي اچي تہ اهو وٽن ئي رهي.
4. آئنده قريشي، مسلمانن جا جيڪي طرفدار مڪي ۾ آهن تن سان نہ آئڻن.
5. ساڳيءَ ريت مسلمان بہ قريشين جي طرفدارن سان نہ لڙن.
6. هينئر مسلمان اڳتي نہ وڌن پويان پير ڪري مديني موٽي وڃن. ٻي سال پل اچن پر ٽڏهين بہ ٽن ڏينهن کان مٿي مڪي ۾ نہ رهن پڻ هٿيار پنوهار پاڻ سان اصل نہ آڻين.

مسلمانن صد لاچار اهي شرط قبول ڪيا ۽ ڏاڍا دلگير ٿي موٽي مديني هليا آيا.

## ڳرو ڪم

حضرت محمد ﷺ هاڻ هڪڙو ڳرو ڪم هٿ ۾ڪنيو ڪسريٰ خسرو پرويز شاهہ ايران جو ۽ شاهہ بني غسانن جو ۽ هرقل شهنشاهہ قسطنطنيہ جو، ۽ نجاشي شاهہ ابيسينا جو ۽ ٻيا ڪيترا بادشاهہ ۽ سردار اوسي پاسي وارا تن سيني ڏي سفارتون موڪليائون تہ اوهان بہ دين حق اختيار ڪريو. خط جيڪو ڏانهن لکيائون تنهن ۾ مضمون نهايت مختصر درج ڪيائون چي "هي خط خدا جي بندي ۽ پيغمبر محمد ﷺ جي پاران فلاڻي بادشاهہ ڏي موڪلجي ٿو معلوم هجي تہ جنهن شخص توحيد الاهي تي ايمان آندو تنهن هميشہ جي سلامتي حاصل ڪئي آءٌ اوهان کي بہ صلاح ٿو ڏيان تہ دين وحدانيت اختيار ڪريو ۽ دين دنيا ٻئي سجايا ڪريو."

چون ٿا تہ ڪسريٰ فارس جي ملڪ ۾ جنهن وقت ايلچي وڃي پهتو تنهن وقت سندس ملڪ ۾ ڏاڍا جشن ۽ شادمانا پي ٿيا. خوشيءَ جي ڏوم ڏام لڳي پيئي هئي. ويجهڙائي ۾ رومين کي کو جنگ ۾ جيتيو هوائون. خير ! شاهہ ايران جي کي وزيرن هيءُ خط پڙهي ٻڌايو پر ڏنائون جو تہ منهنجو نالو محمد ﷺ جي نالي کانپوءِ آيو آهي سو مڙس ڳاڙهو ٿي ويو ۽ امالڪ خط ڦاڙي رتيون رتيون ڪري ڇڏيائين.

حضرت محمد ﷺ کي جڏهن اها سڌ رسي تڏهن فرمايائون تہ"چڱو" نہ وني واٽ سچ جي .پر پيغام الاهي کي تہ جيئن ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو اٿس ڏسجو وينا تيئن ئي سندس سلطنت سان ٿي ڪار ٿئي." اهو چيو حضرت جو گٿوئي ڪين. ٿورڙائي ڪي سال گذريا تہ ايران جي سلطنت ساري ڦٽي زبون ٿي ويئي.

شاھ بني غسان ايلچيءَ جو آڏر ڪونہ ڪيو اٽلو ان بيگناھ کي مارائي ڇڏيائون. مسلمانن ان وقت تہ ڪونہ ڪچيس پر اک ۾ رکيائونس. باقي هرقل شهنشاھ جي حضور ۾ ايلچي آيو تہ ان سندس گهڻو آءُ آدر ڪيو ۽ محمد صاحب ﷺ جو خط وني پريءَ دربار ۾ پڙهي ٻڌايائين. جواب ۾ جيتوڻي لکيائين تہ"ساري قوم جي لحاظ ماريو آهيان آءٌ پنهنجو اصلوڪو دين ڦيرائي نٿو سگهان" تہ بہ ايلچيءَ جي ڏاڍي خاطر ڪيائون ۽ ڏاڍيون ان کي سوکڙيون ۽ سوغاتون ڏيئي پوءِ روانو ڪيائينس. نجاشي کي تہ اڳيئي لڳل هئي تنهن تہ امالڪ ڪٽي دين اسلام اختيار ڪيو.

## يهودي ياڪي

يهودين جي تہ مسلمانن سان اصل ڪانہ ٿي پيئي جنيون بہ ساٽن ڏاڍيون ٿي ٿيون شهرنيڪالي ملين مال متاع ڦرجي وين تہ بہ هريل جو هوا حرڪتن تي سو رهيائي نٿي مديني ڪان ٽي چار منزلون  اپرندي ڪنڌ تي خيبر علائقو هوندو هو ان علائقي ۾قلعا گڇ جيترا هوندا هوا تن منجهان بہ قلعو المقوس نهايت مضبوط هوندو هو اتي يهودين جي اوائل ڪان ئي مسلمانن سان لڳي ايندي هئي. هينئر هيڪاري جو سندن دين ڀائن بني نظير وارن کي شهرنيڪالي ملي ۽ بني قريظہ وارن سان چوڳي جٽ ٿي سو مڙسن جي آنتي اچي تتي وڏو شاهي ڪٽڪ ڪنو ڪري حرفت سان ڪيترن عربن کي بہ ڏتاري پنهنجو ٻڻائي خود بني غطفان وارن کي بہ برغلائي پنهنجي پيچ ۾ آڻي نڪتا ٿي شڪار تي پر مسلمانن کي جا پئجي وئي ٿيٽ سي هڪ تڪڙ ۾ 1400 آدمي ڪنا ڪري پاڻ اچي متان ڪڙڪين ۽ خيبرکي گهيرو ڪري وين يهودين کي اجا ٻاهرين مدد ڪانہ رسي هئي سو پڌري پٽ ڪونہ لڙيا اندرقلعن ۾ سوگها ٿي ويهي رهيا پرمسلمانن نہ ڇڏين. وڙهي هري هوريان هوريان سندن قلعا وٺندا ويا آخر جڏهن القموس وارو قلعو بہ پنهنجي قبضي ۾ آندائون تڏهين

يهودين جا ڍيرا ڍيرا ٿي ويا ۽ اچي پيش پيا نماڻا ٿي. حضرت محمد ﷺ کان معافي مڱيائون ۽ زبان ڏنائون تہ "آئينده مسلمانن سان اسان چو نہ پونداسون." حضرت محمد ﷺ تنهن تي صفا ڇڏي ڏنن بلڪ ايترو بہ چيائين تہ "اوهان بيشڪ پنهنجي دين تي پورا رهو اها اوهان کي آزادي آهي."

'پر هيريءَ سندي هير ٽنگ پڳي نہ لهي محمد صاحب ﷺ گهڙيو اندر خيبر ۾ تہ ڪنهن يهودڻ چيس تہ " آءٌ اڄ اوهان جي ۽ ٻين سڀن مسلمانن جي دعوت ٿي موڪلايان هلو منهنجي گهر"حضرت محمد ﷺ سندس دل ونڻ لاءِ ڪٽي آنهن ڪئي. جڏهين دستر خوان وڇائيو ۽ سڀ وينا کائڻ تڏهن منجهانئن هڪ ڄڻو کائيندي کائيندي ٽنگون ٽيڙي پئجي رهيو، حضرت محمد ﷺ کي پاڻ ماني نہ پئي وڻي پلا هن يهودڻ ڏوهہ ڪري ڪاڏي ۾ زهر ملائي رکيو هو.امالڪ سڀن ڪري هٿ جهليو عورت کي تہ محمد ﷺ صاحب ڪجهہ نہ چيو باقي محمد صاحب ﷺ جي تندرستيءَ ۾ ان ڏينهن کان وٺي خلل پئجي ويو.

## ام حبيبہ سان نڪاح

محمد صاحب ﷺ موٽي مديني ۾ آيو تہ خبر مليس جو ابو سفيان جو ناٺي امہ حبيبہ جو خاوند ابيسينا ۾ گذرڪري ويو ۽ پاڻ ام حبيبہ هاڻي مديني ۾ آئي آهي.
ام حبيبہ دين اسلام اختيار ڪيو هو ۽ پيءُ جي ڊر کان موٽي مڪي ۾ نٿي ويئي. حضرت محمد ﷺ کي منٿ ڪيائين تہ "جيئن بيبي سوده سان وڙ ڪيو مون تي بہ تسي تيڏو توه ڪريو." ام حبيبہ ڪرڙوڍ عورت هئي ۽ اڳئين خاوند مان رڳي نياڻي حبيبہ هيس.محمد صاحب ﷺ ڳالهہ ڪٽي مجي سمجهيائين تہ ان مان فائدو ئي ٿيندو ڪهڙي خبر هاڻ ابو سفيان خود نهي پوي.

## ميمونہ سان نڪاح

قريشين سان صلح ڪئي 12 مهينا گذري ويا آهن ۽ مسلمان حج ڪرڻ آيا آهن پر ٽي ڏينهن ٿي ويا اٿن تہ بہ وينا آهن مرضي اٿن جو مڪي وارن سڀن

جي ماني موڪلائي سندن شڪريو بجا آڻيون .مٿان قريشين جو قاصد اچين ٿو چي ”ڙي اجان وينا آهيو؟“ هليا نٽاوجو“ تنهن تي حضرت محمد ﷺ پنهنجن سنگتين کي حڪم ٿو ڪري تہ“ امالڪ هليا هلو پل بہ نہ ترسو“ ۽ سڀ ٽپڙ ٽاڙيون ٻڌي پنڌ تا پون ۽ مڪي جي ٻاهران تنبو کوڙي تا ويهي رهن.هي حال ڏسي قريشين جي دل ڀڄي ٿي ۽ مسلمانن جي عالي همت ۽ ڪانڌ ۽ صبر جو اتن اهڙو اثر ٿو ٿئي جو گهڻ جيترا حضرت محمد ﷺ جي حضور ۾ اچي ڪنڌ تا نمائين ۽ دين اسلام اختيار تا ڪن خود خالد بن وليد حضرت جو جاني دشمن ۽ ناميارو شاعر عمرو بن العاص حضرت تي قصيدن ناهڻ وارو سي بہ اچي تا پيش پون ۽ ڪنائنس ارشاد وني مومن ٿين سين ۾ واهہ واهہ پئجي ٿي وجي حضرت محمد ﷺ بہ انهيءَ لاءِ تہ خالد بن وليد سان ناتو پڪو ٿئي ڪٽي سندس مٽياڻي ميمونہ سان نڪاح ٿو وجهي. ميمونہ تہ آهي بہ 50 ورهين جي پوڙهي عورت. ڪي شايد چوندا تہ هي مسلمانن جو نبي ڪو شهوت پرست هو جنهن تنهن سان پي نڪاح وڌائين پر انهن ڪي هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ شهوت جو شڪار تي حضرت محمد ﷺ ائين نہ ٿي ڪيو سندس نيت سدائين خاصي هوندي هئي ۽ ان نيت نيار جا پلا پاڙا پي مليس ۽ سوپارو پي ٿيو تنهن ۾ تہ رتيءَ ماتر ڪي شڪ نہ آهي.

## موتہ جي لڙائي

مٿي هڪڙي هنڌ ذڪر ٿيو تہ شاهہ بني غسان جي مسلمانن جي ايلچيءَ جو آدر تہ ڪونہ ڪيو اٿلو ان ڪي مارائي ڇڏيائين هاڻ هنن ڏينهين مسلمان اتس ڪاهي آيا تہ ڪر جواب ، بني غسان وارا عيسائي هوا ۽ هرقل جا ڏائي هوا هرقل مدد ڪين ۽ موتہ وٽ جنگ لڳي پر نقصان ٻنهي ڌرين جو ڏاڍو ٿيو مسلمان پوءِ تہ ميدان ۾ ترسيا بہ ڪين. جيتوڻي ڪٽيائون بہ موٽي مديني هليا آيا. هن جنگ پاسا پڄي ڇڏين.

## قريشي ڪوڙا

قريشين کي وري ڇتو لڳو بني خزاع وارا مسلمانن جا طرفدار هوا قريشي وري بني بڪر وارن جا مددگار هوا .بني خزاع وارن ۽ بني بڪر وارن



www.sindhsalamat.com

جي وچ ۾ اچي ڪا اڻ ٻٽت پيئي ٻنهي ڌرين پنهنجن حمايتن کان مدد گهري مسلمانن تہ پير نہ ڪوريو.چيائون تہ "حديبہ جي عهد نامي جا شرط اهڙا آهن لاچار آهيون هونءَ سر اتائون قربان آهي." پر قريشي ڪوڙا عهدنامي جي شرطن جو ڪو ويچار نہ ڪري وجي بني بڪر وارن جا ٻانهن ٻيلي ٿيا. مطلب هون تہ مسلمانن جي حمايتن جو زور پجي نہ رڳو ايترو پر ٻي هڪڙي ڪهني قاعدي جي انحرافي ڪيائون بني خزاع وارن وجي ڪا ڪعبي اندر پناهہ ورتي هئي اتي بہ ڪين نہ ڇڏيائون. هنن پريان ئي پڪار ڪئي تہ ڙي نامرادو ڪي خدا جي قهر کان ڊڄو.حرم جي بي ادبي نہ ڪريو پر هنن ڪين ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري منجهائن ويهن ڄڻن کي شهيد ڪري ڇڏيو.

حضرت ابراهيم جي ڏينهن کان وٺي اهو قانون جاري هو تہ ڪعبي اندر بلڪ ڪو خوني خون ڪري اچي پناهہ وٺندو هو تہ ان کي ڪجهہ نہ چيو ويندو هو. ڪمبختن قريشين تنهن ڏي بہ نہ ڏٺو.

## مڪي تي چڙاهي

عمر بن خزاعي تنهن تي حضرت محمد ﷺ وٽ اچي رت رنو. حضرت محمد ﷺ کي ڏاڍو ڪهڪاءُ آيو ۽ مسلمانن کي حڪم ڪيائين تہ"ڪريو تياري قريشين تي ڪاهي هلو." امالڪ 10،000 لشڪر اچي ڪٺو ٿيو ۽ ائين ئي مڪي ڏي روانو ٿيو ۽ ڪاهيندو مڪي جي چڪ ۾ اچي وارد ٿيو.

هيڏانهن قريشين بہ سانباها تہ ڪيا پر اها اڳين جهريت منجهن ڪٿي هئي يلا هيل تائين مسلمانن جو ناماچار ساري عربستان ۾ ڦهلجي ويو هو.

ابو سفيان سندن سردار ڪنهن ڏينهن شام جو مڪي جي ٻاهران چو طرف نظر پي تي ڦيرائي تہ پريان چا ٿوڏسي جو مار ماڻهن جا حشام لڳا پيا آهن ڪاٿو ئي ڪونهي.

حضرت محمد ﷺ جو چاچو حضرت عباس ڳالهائيندو هو تہ جڻ بندوق چٽي آهي سندس پڻ پڻ تي پريان صفا پيئي ٻڌبي هئي هن وقت ڪنهن کي ڪو ويني چيائين تہ" قريشي مٺ محبت ۾ سمجهيا تہ واهہ واهہ نہ تہ جڻ ٻچي رلائيندسون اهڙي ساٽن ڪارڪنداسون جو سندن نڙي نشان نہ رهندو."

ابو سفيان جي ڪنن تي جو اهو پڙلاءُ پيو سو مڙس ڏڪندو ڏڪندو حضرت عباس وٽ آيو ۽ اچي عرض ڪيائينس ته" اوهان اسان جا بزرگ آهيو جيئن صلاح ڏيو تيئن ڪريون."

اتي حضرت عمر کو ابوسفيان کي ڏسي ورتو مڙس کي باهه وٺي ويئي رڙ ڪري پڇيائين ته "هن ڪافر کي اسانجي چانوٽيءَ ۾ آندو ڪنهن آهي؟" ۽ هٽي ترار ڪيائينس ٿي پورو. پر حضرت عباس سمجهايس تڏهن به مڙس نه ٽريو. حضرت تنهن تي پڳو حضرت محمد ﷺ وٽ تنهن حڪم ڪيو ته" متان ڪنهن ابو سفيان جي وار کي به هٿ لاتو آهي." پوءِ ته خود ابوسفيان اچي حضرت محمد ﷺ جي حضور ۾ بيٺو. حضرت محمد ﷺ سندس گهڻي آجيان ڪئي ۽ قرب وچون ياڪر پائي گڏيس ابو سفيان جو پتو پاٽي ٿي ويو ۽ دين اسلام اختيار ڪري مسلمان ٻڻجي ويو.

مسلمانن کي جڏهن هيءَ خوشخبري رسي تڏهين خوشيون منائڻ لڳا پلا اهو ساڳيو ابو سفيان اڳي يا ته حضرت محمدﷺ جي خون جو پياسي هوندو هو ۽ هاڻ يا ته مرڳوئي اچي سندس سلامي ٿيو.

صبوح ٿيو ته الله اڪبر چئي سڀ مسلمان اٿي ڪڙا ٿيا ۽ بي ڌڙڪ مڪي ڏي ڪاهيندا ويا حضرت محمد ﷺ قصوا اٺ تي سوار هو متي تي ڪاروپٽڪو ٻڌل هوس ۽ نهايت بلند آواز ۽ شيرين زبان ۾ سوره انا فتحنا جون آيتون پي پڙهيائون.

مڪي کي جڏهن بلڪل ويجهو اچي پيا تڏهن ابو سفيان عرض ڪيو ته "حضرتا ! حڪم ٿئي ته هيءُ بندو قريشين کي وڃي سمجهائي من مڙن به" حضرت محمد ﷺ چيس "بيشڪ ائين ٿئي ته ڀيو اسان کي چا گهرجي."

ابو سفيان ڊوڙندو ڳوناين وٽ آيو ۽ ڏاڍو سمجهايائين ته "ادا ڏسو ته سهين ،هيترا ڪٿا مٿا هنيا اٿو، ڪڏهين سوپارا به ٿيا آهيو ؟ هاڻ به ڪٽندا ته هرگز ڪين. هنن پنهنجن پلون ۾ سچ پاتو آهي. اوهان کي ڪچن ۾ ڪوڙ آهي. منهنجي ته صلاح اٿو ته هوڏ ڇڏي هلي پيش پئو، مون به ڪجهه ته حضرت محمدﷺ ۾ ڏٺو آهي تڏهين ته وڃي سندس سام پڪڙي اٿم ۽ مسلمان ٿيو آهيان." هنده جو ٻڌڻ ته گهوٽم ٿيو آهي مسلمان سا وقلندي وقلندي وٽس آئي ۽ وجهندي ئي هٿ ڏاڙهيءَ ۾ ويچاري کي نهٽڙو بنائي ڇڏيائين. ڌڪن بجن سان ٽپر ڪٽي رکيائينس.ڳونائن کي چيائين ته "متان ڙي هن مئي متين ماريي جي مت تي هليا آهيو.لتون هٽي اڦٽ ماري ڇڏيوس."

تيتري ۾ حضرت محمد ﷺ جي اشاري تي مسلمان سارا ئي ڏوڪ ڏوڪ ڪندا اندر مڪي ۾ گهڙي پيا. قريشين ۾ هينئر وت ڪهڙو هو جو لڙن.عڪرمہ بن ابوجهل جو ڪٽي چپ ماريو وينو هو تنهن سو خالد بن وليد جي پلٽڻ وارن مان ٻن کي ماري وڌو پر خالد پيڪي ڏنيس تہ "ماريو ويندين رڳو حضرت محمد ﷺ جي حڪم جي دير آهي." تہ پسار ٿي ويو.قريشين جا گپا گيهہ ۾ 28 ماڻهو سي مئا.ٻيا ويچارا وات ڦاڙي بينا رهيا چا ڪن؟

حضرت محمد ﷺ اٺ تي سوار هو ۽ وني ڪعبہ کي ڦيراءُ ڏنائين پوءِ اندر ڪعبي ۾ گهڙي سڃا سارا 360 بت پيچي ڊاهي رکيائين. هٿ ۾ هيس لڪڙي ۽ بت جي اڳيان "قل جا الحق و زهن الباطل" چوندو لڪڙيءَ سان هڪ هڪ کي ڪيرائيندو ويو. وڏي ۾ وڏو بت هو هبل اهو رکيل بہ چوٽ تي هو.حضرت محمد ﷺ جي لڪڙي اوستائين نہ پني تنهن تي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ کي ڪلهي تي چاڙهي ويهاريائين، جنهن هٿ ڌڳهو ڪري هبل کي بہ ڪيرائي هيٺ آندو ٻيون بہ ڪعبي جي ديوارن تي جيڪي صورتون ۽ مورتيون چٽيل هيون. سي ساريون پاڻيءَ سان ڌوئاري ڊاهي ڇڏيائين.

پوءِ آيو باهر قريشين ۾ اچي ڦرڦوٽ پيئي چي "ابا هاڻ ٿو موت رساڻيئون هيترا ڏينهن مذاقون پي ڦبي ويون اٿون.اڄ هن جو وارو آهي.اڳيون پويون ٿو منجهان ڪسرون ڪڍيئون"انهيءَ ڊپ کان ڪيترا مڪو ڇڏي ڀڄي ويا پر حضرت محمد ﷺ امالڪ منادي ڦيرائي تہ" خبردار ڪنهن بہ مسلمان ترار ڦيرائي آهي.مڪي وارا بہ شهر ڇڏي ڀڄي نہ وڃن. آءٌ ڪو سندن دشمن ٿي ڪنانن بدلو وٺڻ نہ آيو آهيان. اجوڪو ڏينهن سڳورو آهي خدا پنهنجو فضل فرمايو آهي آءٌ تہ وٺن آيو آهيان تہ ساڻن ڪير ڪنڊ ٿي رهان."

ٻين سيني کي معافي ڏني ويئي فقط عڪرم بن ابوجهل کي موت جي سزا ٿي ملي پلا رهزن پچاڙيءَ ۾ بہ مسلمانن جا بہ خون ڪري وڌا پر عڪرم کي جو پيو سماءُ سو مڪي مان پسار ٿي ويو.گهر واريس تنهن تي لنگهي حضرت محمد ﷺ وٽ آئي. ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي منٿ زاري ڪيائين تہ"قبلا جيئن وڻيو تيئن منهنجي گهوٽ جو گناهہ بخش ڪريو.ڪانئس پوءِ اسان جو گهر رلي ويندو." حضرت محمد ﷺ سندس هيڻو حال ڏسي ماريلن مسلمانن جي وارثن کي خون جي معافيءَ تي راضي ڪيو ۽ عڪرمہ جي زال کي خبر ڏنائين پوءِ هوءَ ويچاري نڪتي گهوٽ جي ڳولا ۾ آخر هٿ ڪري آيس.مڪي

۾ حضرت محمد ﷺ وٽ.حضرت محمد ﷺ ان وقت تنبوءَ ۾ ويٺو هو ۽ ٻت تي پورا ڪپڙا نہ ڍڪيل هئس.هنن اندر گهڙڻ جي اجازت گهري تہ پاڻ ڪلهن تي چادر وجهي خوشيءَ وچون امالڪ چيائين“هليا اچو“ساڻن عڪرمہ جي ماءُ بہ هئي.اها هئي اڳيان منهن تي برقعو پيو هوس.وچ ۾ هئي نهڻس ۽ عڪرمہ اصل پنيان هو.حضرت محمد ﷺ ٽپ ڏيئي وجي عڪرمہ کي ڀاڪر پائي مليو.چادر ڪسڪي ويس.ان جي بہ سڌ ڪانہ پيس.حضرت محمد جي هيتري حب ڏسي عڪرمہ جي دل ڀني ۽ اسلام اختيار ڪري سندس ٻڌو ٻانهون ٻڻجي پيو.

حضرت محمد ﷺ جي صاحبزادي زينب جڏهن مڪي مان ڀڄي مديني تي آئي تڏهن هبار نالي هاتڪ وٺي اتس پٿرن جو وسڪارو ڪيو هو.بيبي ڳورهياڙي هئي ۽ ضربون اهڙيون رسيس جو پوءِ گهڻو وقت ڪونہ جاليائين ستت وفات ڪيائين.اهو هبار هاڻ حضرت جي خدمت ۾ آندو ويو سين ڀانيو پئي تہ هن کي تہ حضرت کنهن بہ صورت ڪين ڇڏيندو پر حضرت درياه دل وار جو نہ نالو ورتس معافي ڏيئي پنهنجو ڪري ڇڏيائينس.

ٻيو هو وڏيرو وحشي ان حصرت حمزه جو گلو ڪاٽيو هو خود حضرت محمد ﷺ خواهان هوندو هو تہ ڪٿي ور ۾ اچي وجي تہ خوب منجهائنس هٿ ڻارجن.تنهن کي هينئر سندس خدمت ۾ وٺي پي آيا. هن ڀريان ئي واڪو ڪري چيو تہ“حضرتا آءُ مسلمان ٿي آيو آهيان“ بس حضرت جو ائين ٻڌڻ ۽ ڪٽي ماٺ ڪيائين ۽ ڪڇيائينس بہ ڪين.

پوءِ وارو آيو مسمات هنده جو هن ڏائڻ وارو ڪم ڪيو هو مڪي وارن کي سورهن آنا پڪ هئي تہ هن جا تہ برا حال ڪيا ويندا.هن وقت جڏهين حضرت جي حضور ۾ پيش پي ڪيائونس تڏهين ڪنڌ هيٺ شرم ۾ پي ٻڏي برقعو ڪري ڍڪيائين ۽ ٻين عورتن جي پنيان ٿي بيني پر حضرت محمد ﷺ سڃاڻي ورتس ۽ اڳيان سڏي چيائين“ هنده توکي بہ معافي آهي چڱو جو پڇتاءُ ڪيو اٿيئي ۽ مسلمان ٿي آهين ان ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.“

حضرت محمد ﷺ ڪوه صفا تي ٿي وينو هو ۽ چئني پاسن کان قريشين جي وٺس ڀيهہ پئي ٿي پيئي نظارو نهايت ڏسڻ جهڙو هو تن آخر سندس ئي رسول جي آڻ مڃي .ڪٽي اسلام اختيار ڪيو اها ڪا ٿوري ڳالهہ نہ هئي .“ڀلي ڀلي ڀاڻ آئي سا بہ نہ ڀلي.“

## وري هڪڙو نئون دشمن

اتي وچان ئي هڪڙو نئون دشمن اچي جاڳيو. بني هوازن ۽ بني ثقيف وارا فسادي لوڪ مڪي تي چڙهي ڪري آيا پر مسلمان وڏي وجي مڪي کان پنجن ڪوهن جي مفاصلي تي سامهون ٿين.قريشين هن لڙائي ۾ واه جي بهادري ڏيکاري يا تہ حضرت محمد ﷺ جو نالو ٻڌندا هوا تہ جلڪو لڳي ويندو هون يا تہ اج ڏسو تہ سر ترين تي جهلي سندس جهنڊي هيٺ پي لڙيا دشمن جي هار ٿي بني هوازن وارن کي تہ مسلمانن ٻارين ٻچين ڪٽي قيد ڪيو ۽ سندن قلعو پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيائون باقي بني ثقيف وارا جند ڇڏائي طايف ۾ ڀڄي ويا.

طايف هڪ آباد شهر ٽڪر تي آهي ۽ مڪي کان 30 ڪوهن جي مفاصلي تي آهي بني ثقيف وارن ڀانيو تہ هتي سوکها آهيون طايف وارن اڳي بہ حضرت محمد ﷺ جي بي ادبي ڪئي هئي.وري هن ڀيري بہ ڇيڙ ڇاڙ پاڻ ڪيائون.مسلمان ڪٽڪ وني اتن ڪاهي ويا. طايف وارن گهٽيئي نٽ پٽن سان هنيا ۽ حرفتون هلايون تہ مسلمانن کي هڪالي ڪيون پر هو چوگرد ويڙهي وين.آخر منهن پٽ سان پڳن ۽ اچي حضرت محمد ﷺ جي پيش پيا.

چيائونس تہ "قلعو اوهان کي آيو پر ٿورو احسان اوهانجو اسان جي بتن جو بہ سال نالو نہ ونجو "جواب ملين نہ" تڏهين وري منت ڪيائونس "پلا هڪڙو مهينو ئي تہ مهلت ڏيو"وري بہ صفا جواب ملين "نہ" حضرت محمد ﷺ چين "اسلام اختيار ڪريو نہ ڪريو مرضيءَ جا مالڪ آهيو.باقي آءُ اوهانجي بتن کي هينئر ڀڃان نہ اهڙي ڳالهہ متان ڪئي اٿو"پوءِ تہ هٽي سارن سندن بتن کي ڊاهي رکيائون. هڪڙو بت هو وڏي ۾ وڏو لات ڪري ڪوٺيندا هئس طايف وارن ۾ ڏاڍو ان جو ڏکو هوندو هو جڏهين حضرت محمد ﷺ اهو ڀڃي ڇيتيون ڪيو تڏهن مڙني زالن مڙسن پٽڪو لائي ڏنو اسلام اختيار ڪيائون نہ ڪيائون.حضرت محمد ﷺ بہ ڇڏي ڏنن.

بني هوازن وارا جي گهرن ٻارن سميت جهلجي پيا هوا تن جا ڪي وڏيرا حضرت محمد ﷺ وٽ آيا ۽ نهايت نئڙت سان نيزاري ڪيائونس تہ حضرتا اسان کي معافي ملي اسان کان ئي هاڻ بلڪل پشيمان آهيون."

حضرت محمد ﷺ کي اتن رحم بہ آيو پر ڳالهہ سندس وس نہ هئي سندن ٻار ٻچا مال متاع اڳيئي مسلمان وراهي پتيون ڪري ڪٽي ڇڏيا هوا

آخر صلاح ڏنائين ته“هيئن ڪريو جو اسان جنهن مهل مسجد ۾ نماز پڙهڻ وڃون.تنهن مهل اوهان اتي اچي حاضر ٿيو.اسان نماز پڙهي ويهون ته پوءِ مونکي چئجو مسلمانن کي سمجهاءِ اسان کي پنهنجا ٻار موٽائي ڏين ۽ خود مسلمانن کي چئجو ته پنهنجي نبيءَ کي منٿ ڪريو ته اسان تي رحم جي نظر ڌري.“

ٻئي ڏينهن مسلمان اچي مسجد نبوي ۾ ڪٺا ٿيا ۽ ته پهريءَ جي نماز پڙهي رهيا ته بني هوازن وارا به اچي حاضر ٿيا ۽ جيئن صلاح ملي هين تيئن ٻيهي عرض گذاريائون حضرت محمد ﷺ امالڪ اتي چيو ته“ اسان جي آکه کي ته جيڪي ٻانها پتيءَ ۾ پڙ پيا آهن تن تان اسان ته هٿ کنيو آزاد آهن“ ٻين مسلمانن تي انجو اثر اهو ٿيو جو انهن به بني هوازن وارن سين کي صفا ڇڏي ڏنو اهو به خيال ڪونه ڪيائون ته هي مسلمان نه آهن سڄا سارا 6000 آدمي ٻانهپ جي ٻيلپي کان ڇٽي پيا.

بس پوءِ ته بني هوازن وارن توڙي بني ثقيف وارن وحده لاشريڪ له جي وڏائيءَ جو قائل ٿي.ڪٽي اسلام اختيار ڪيو.

حضرت محمد ﷺ کان اڳ ڳٽتي ڪري مديني وارن زبان وني ڇڏي هئي ته“خدا اوهان کي سوپارو ڪري ۽ اوهان جا دعي مدعي رد ٿين.ته به ويچاري مديني کي وساري نه ڇڏجو وري رهجو اچي اسان وٽ“ سو حضرت محمد ﷺ مڪي ۾ ڪي ٿورڙا ڏينهن رهي ساٽيهه سندي سڪ پوري ڪري موٽي مديني هليو ويو.

## سال وفود

مڪي وارن مڙني اسلام اختيار ڪيو ته ٻين عربن به ويرم ڪانه ڪئي.سڀ بت پرستي ڇڏي وحده لاشريڪ له جا قائل ٿي پيا ۽ پاڻ کان پاٽيهي حضرت محمد ﷺ جي ڏوريءَ ۾ ٻڌجي پيا پوءِ جيڪي مديني کي ويجها هوا تن ته حضرت محمد ﷺ وٽ اچي خود ڪانئس ارشاد پي ورتو ۽ جيڪي ڏوراهن ڏيهن ۾ هوا تن وري اتان ڏانهنس پنهنجا ايلچي پئي موڪليا ته وٽانئس ارشاد وني اچي اسلام جو جهنڊو هتي به کڙو ڪن.هجري سال 10 يا9 ۾ ايترا ته ايلچي آيا جو اسلام جي تواريخ ۾ هن سال کي سال وفود ڪري ڪوٺيو اٿن.

حضرت محمد ﷺ وٽ جيڪي بہ ايلچي آيا پي تن جي هن خاطر خواه سندن درجہ ۽ مرتبہ آهر عزت پئي ڪئي ايلچي موٽي وطن ويندا هوا تہ ساڻ هڪڙو نقيب بہ ڏيندو هون جو سندن ڳوٺ ۾ وڃي سندن ڳوناين کي وعظ ڪندو هو.

## تبوڪ جي لڙائي

شام جو ملڪ عربستان جي سرحد تي آهي ان ۾ تبوڪ نالي هڪ شهر آهي اهو شهر شاهہ قسطنطنيہ واري جي هٿ ۾ هو هن سال عربن جا ڏڪر پاسا پيجي وڏا شاهہ کي دل ۾ آيو تہ" عربن کي جيتجي تہ هينئر وجهہ هي آهي ڏتڙجي ويا آهن لڙندا ڪين اڇي پيش پوندا"سو ڪيائين ڪاهہ جون تکيون تياريون. هيڏانهن حضرت محمدﷺ کي جا خبر پيئي سو چيائين تہ "هي ڪرڙو دشمن عربستان ۾ اندر لنگهي آيو تہ عربستان ويو.بهتر آهي تہ اصل پريانئي هٽائي ڪڍجيس"عرب ويچارا جيتوڙي سنبريل نہ هوا تہ بہ 30 هزار امالڪ نڪري نروار ٿيا.تبوڪ وٽ پهتا تہ رومي سندن هيڏو ڪٽڪ ڏسي جنگ جو ارادو ڦٽو ڪري پسار ٿي ويا مسلمان 20 ڏينهن اتي ترسي موٽي ڳوٺ آيا هليا.

## طي وارن تي توهہ

طي وارن اجان اسلام اختيار نہ ڪيو هو.پاڻ منجهائن ڪن هرويرو مسلمانن جي پئي چيڙ ڪئي. حضرت محمد ﷺ تنهن تي حضرت عليءَ کي ڏانهن سنباهي موڪليو تہ وڃي سيکت ڪرين عدي بن حاتم ملڪ جو حاڪم هو اهو تہ حضرت علي رضہ جو لشڪر ڏسي پچ پائي اٽي پڳو پنيان حضرت علي رضہ بين طي وارن مڙن کي باند ڪري ونئي مديني ۾ آيو انهن قيدين ۾ حاتم جي صاحبزادي بہ هئي حضرت محمد ﷺ کي جڏهن اها معلوميت ٿي تڏهين چيائون تہ"هن کي هڪدم آزاد ڪريو" بين جي نسبت ۾ تہ حڪم ٿيو تہ جهڙي ڪئي اٽن تهڙي پائين.

پر صالح ماڻهن جو اولاد بہ صالح صاحبزادي هٿ ٻڌي حضرت جي حضور ۾ عرض گذاريو تہ "قبلا جيڪڏهن منهنجن بين ڪڙم قبيلي وارن کي

ٻانهن طور ڪري ٿا رکو ته مونکي وري ڇا لاءِ ٿا ڇڏيو؟ آءٌ به انهن سنئين يا جيڪڏهن ڪين موت جي سزا ٿا ڏيو ته آءٌ وري ڪا مثان لٿي پونءُ جهلي آهيان ڇا؟ اول اول منهنجو گلو ڪاٽيو جتي ٻيا اتي آءٌ"

حضرت محمد ﷺ امالڪ سين سندس ڪڙم قبيلي وارن کي ڪٽي آزاد ڪيو ۽ هن به ازخود اسلام اختيار ڪيو.

## ڪل عرب مسلمان

ٿورا ڏينهن وچ پيا ته ٿيون حج جون تياريون حضرت محمد ﷺ پاڻ ڪن سببن ڪري مديني ۾ ئي رهجي پيو. حاجين سان گڏ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي رضہ کي پڻ چئي ڇڏيائين ته "رسم حج جي بجا آڻي وهو ته پوءِ مکي ۾ اشتهار ڦيرائج ته ايندڙ سال کان وٺي مکي ۾ ڪنهن به بت پرست کي اچڻ جي اجازت ناهي.پڻ آئنده ڪوبه ننگو ٿي ڪعبه جي چوڌاري ڦيرا نه ڏئي.غير مسلمانن جي چئن مهينن جي مهلت آهي تنهن عرصي اندر مکو ڇڏي هليا وڃن پوءِ سندن ڪوبه عذر ٻهانو نه ٻڌو ويندو"حضرت علي رضہ قربانيءَ جي ڏينهن حڪم جي تعميل ڪئي ۽ اهو اشتهار ڦيرايو نتيجو اهو ٿيو جو ايندڙ سال تائين عرب ڪل مسلمان ٿي پيا.هجري سن 10 شروع ٿيو ته حضرت محمد ﷺ هيءُ ڪم هٿ ۾ ڪنيو عربن جي هر هڪ قبيلي کي اسلامي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪڙو نقيب مقرر ڪيائون جن اوسي پاسي جي بادشاهن اجا اسلام اختيار نه ڪيو هو تن ڏي ايلچي موڪليائين.

حضرت محمد ﷺ جا سائينءُ سڳوري لايا سجايا ڪيا سندس ڳوناين ته اياڻپ جي اونده جي اياڻپ مان نڪري سياڻپ جي سوجهري جو فائدو پي ورتو پرڏارين به اتس ايمان آڻي پنهنجو دين ۽ دنيا ٻئي پي سڌاريو.

## ڇاڻ سدا ڇاڻ

قرآن شريف جي سوره اذا جاءَ هن وقت نازل ٿي تنهن مان حضرت محمد ﷺ ۽ سندن ساٿين کي ڇاڻ ٿي ته حضرت جو ڪم هتي پورو ٿيو ڪيس آخرت جو اطلاع اچي ويو.

## پويون حج

حج جا ڏينهن آيا تہ حضرت محمد ﷺ چيو تہ هيءُ اسان جو پويون حج آهي هلو تہ ڪعبہ شريف ڪي هلي ڦيرا ڏيئي اچون.جنهن شخص ڪي اڳي ڪنهن مڪي واري پناهہ نہ ٿي ڏني ۽ جنهي ٽڪريءَ تي ٿي بينو سا تپائي ٿي ڏني جنهن شخص ڪي سندس ڳوٺاين ڳهيلو ۽ جنون پي سمجهيو ۽ سندس نسبت ۾ الاجي چا چا پي چيو تنهن شخص ڪي اڄ ڏسو تہ عرفات جي ميدان ۾ 124000 مسلمان سلام پري رهيا آهن، چا شاهہ چا گدا چا امير چا فقير مڙيئي ننڍ وڏائي جو تفاوت وساري ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي سندس جهنڊي هيٺ بيٺا آهن ۽ خداجي عبادت ۾ مشغول آهن الله اڪبر صدق ڪهڙي نہ شيءِ آهي.

حضرت محمد ﷺ عرفات جبل تي چڙهي ويو ۽ پنهنجن پوئلڳن ڪي اتان بيهي هيئن وعظ ڪيائين تہ"اي مسلمانو مومنو شايد ٻئي سال آءُ اوهان سان نہ ٻہ هجان هن وقت جو ڪجهہ آءُ اوهان ڪي چوان ٿو سو ڪن لائي ٻڌو ۽ ان تي آئينده بخوبي عمل ڪندا رهو هيءُ مهينو ۽ خصوصا هيءُ ڏينهن اوهان سين جي لاءِ پاڪ آهي اوهان ڪي ڄڳائي تہ هر سال اچوڪي ڏينهن هتي هن ڪعبہ ۾ اچي خدا جي عبادت ڪندا رهو.مومنو ياد رکو تہ قيامت جي ڏينهن اوهان مڙن ڪي خدا جي اڳيان پنهنجو چڱن مڻن ڪمن جو جواب ڪرڻو پوندو.ڏسو مٿان پنهنجن عورتن سان ابتا پيبر هليا آهيو پنهنجن ٻانهن ڪي ٻہ پاڻ جهڙوئي سکيو رکجو

ڪين بلڪل نہ رنجائجو پاڻ ۾ ڪل مسلمان ڀائرنوانگر ٿي رهجو پرائو مال سو پنهنجو نہ ڪري سمجهجو." ان ڪانپوءِ حج جي نماز پڙهي ويئي ۽ حضرت محمد ﷺ موٽي مديني ويو اتان وري ٻيهر ٻاهر نہ نڪتو.

## ٻہ ڪذاب

انهن ڏينهن ۾ ٻن شخصن مسيلمہ ۽ اسود عنسي دعويٰ رکي تہ اسان نبي آهيون ۽ صفا يمن هٿ ڪري اتي دڳو جمائي ويهي رهيا پر مسلمانن حضرت محمد ﷺ جي حياتيءَ ۾ ئي اسود عنسي ڪي تہ ماري مات ڪري

ڇڏيو باقي ڇڏي ڏنائون جو حضرت محمد ﷺ جي ناچڱائيءَ ئي منجهائي وڏن پر پوءِ ان کي بہ پورو ڪري ڇڏيائون

## پڇاڙي

حضرت محمد ﷺ مٿان 63 ورهين جو اچي ٿيو ۽ ساري ڄمار جو جاکوڙ ڪئي هئائين سو بدن گهٽو ضعيف ٿي ويس پر نماز پڇاڙيءَ تائين پنجئي وقت مسجد ۾ پڙهڻ ويندو هو.

هن زماني ۾ بي بي عائشہ سندس ڏاڍي خدمت ڪئي وفات ڪرڻ کان ٿي ڏينهن اڳ بلڪل ڏيئي وني رهيو هو تہ بہ حضرت علي رضہ ۽ ڀاڻس فضل جي ڪلهن تي هٿ رکي مسجد ۾ نماز وقت آيو ۽ پنهنجي پنيان ابوبکر رضہ کي بيهاري ۽ پاڻ اڳيان ويهي نماز پڙهيائين.

نماز پوري ٿي تہ حاضرين کي چوگرد ويهاري چيائينس "مون ڪنان ڪنهن کي رنج رسيو هجي تہ آءٌ حاضر آهيان نڪري نروار ٿئي تہ معافي مڱانس ڪنهن جو پئسو ڏوڪڙ مون وٽ رهيو هجي تہ آءٌ حاضر آهيان طلب ڪري تہ پري ڏيانس."

ڪنائنس رنج تہ ڪنهن کي نہ رسيو هو باقي هڪڙي شخص اتي چيس "حضرتا منهنجا 3 درهم اوهان وٽ آهن" امالڪ ئي درهم هن کي ڏنا ويا.

پوءِ ڪين نصيحت ڪري ترت مڪان تي آيو ۽ وري ٻيهر پير ڪونہ پاتائين بيماري زور پوندي ويئي آخر ڪار ٻن پهرن جو سومر ئي ڏينهن"الحقني بالرفيق الاعليٰ" "الحقني بالرفيق الاعليٰ" چوندو عالم فاني ڇڏي عالم جاوداني ڏي سڌاري هليو.

*

# ڪتابن جا نالا جن مان مدد ورتي ويئي

- سوانح عمري حضرت محمد ﷺ اردو مصنف بابو پرڪاش ديو
- صحيح بخاري اردو
- مسدس اپوجهو

- Sayings of Muhammad by the Dr suharwardt L.L.D
- Spirit of Islam by Ameer Ali
- Four Great Religions by Mrs annie Bessant
- “life of Muhammad by Washington Irving
- “Heroes and Hero worship by Carlyle

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌي ڪتابن جي سڀ کان وڏي ڊجيٽل لائيبرري

www.sindhsalamat.com